ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اڱارو 30 ڊسمبر 2025ع 09 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھہ 30 ويپيہ   شمارو (137)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پي ٽي آءِ اسرائيل ۽ ڀارت جي پراڪسي آهي: راڻا ثناءُ الله

فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم جي حڪمت عملي پاڪستان کي اهم بڻايو آهي

پي ٽي آءِ وارا افغان طالبان ڀارتي پراڪسي نہ بڻجن تہ ساڻن ڳالهين لاءِ تيار آهيون.

لاهور (م ڊ) وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي تہ تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کا سياسي جماعت نہ پر اسرائيل ۽ ڀارت جي پراڪسي آهي. شيخوپوره ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ فيلڊ مارشل عاصم
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿرجي دوري تي سردار ڳڙهہ پهچي ويو

بلاول ڀٽو ريگستاني علائقي ۾ قائم عرب شهزادن جي ڪيمپ جو دورو ڪندو: ذريعا

خانڳڙهہ ۾ سياسي اڳواڻن ۽ معزز شخصيتن سان غير رسمي ملاقاتون پڻ ڪيون وينديون

خانپور مهر(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿرجي دوري تي هيليڪاپٽر ذريعي خانڳڙهہ جي ريگستاني
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري خاص جهاز ذريعي سکر کان نوابشاهہ پهتو

صوبائي گهرو وزير، ڊپٽي اسپيڪر ۽ پارٽي اڳواڻن شاندار استقبال ڪيو

صدر آصف علي زرداري ٽن ڏينهن تائين نوابشاهہ ۾ رهندو: ذريعا

نوابشاهہ (س ر) صدر آصف علي زرداري نوابشاهہ پهچي ويو آهي صدر آصف علي زرداري خاص جهاز ذريعي سکر کان
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جو ستون ڪانووڪيشن، 317 شاگردن ڊگريون ماڻيون

سنڌ حڪومت 18 هين ترميم کان صحت جا ادارا بهتر ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي: بلاول ڀٽو زرداري

وفاق 2015ع ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو ادارو سنڌ حوالي ڪيو، اسان ان کي اڳتي آندو آهي

چائلڊ لائيف فائونڊيشن پوري صوبي ۾ ٻارن کي تڪڙي سروس فراهم ڪرڻ لاءِ ايمرجنسي روم کوليا آهن

ڪراچي، لاهور، پشاور، ڪوئيٽا، اسلام آباد جي ڀيٽ ۾ گمبٽ اسپتال بهتر طبي سهولتون فراهم ڪري پئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ/ س ر) لاڙڪاڻي جي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جو ستون ڪانووڪيشن آريجا ڪيمپس ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي

ڪانووڪيشن ۾ مجموعي طور 38 شاگردن سون، چانديءَ ۽ ڪانسي جا تمغا ڏنا ويا

لاڙڪاڻو : ڪانووڪيشن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي تعليمي ميدان ۾ ڪاميابين عيوض سونا،
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

تقريب ۾ گريجوئيٽس پنهنجي شعبي سان وابستگي، ايمانداري ۽ عوامي خدمت جو حلف پڻ کنيو

لاڙڪاڻو: مجموعي طور ستيٽ ڪانووڪيشن ۾ شاگرديائين نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي تقريب
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايس ايم بي بي ايم يو تعليمي معيار، تحقيق ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي: وڏو وزير

سماجي ذميواري جي حوالي سان اهو مقام لاڙڪاڻو ۽ پوري سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهي: مراد علي شاهہ

يونيورسٽي جو مشن صرف ڊگريون ڏيڻ نہ پر سماج لاءِ باخلاق، ذميوار ماهر تيار ڪرڻ آهي: ڊاڪٽر نصرت شاهہ

لاڙڪاڻو :وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ايس ايم بي بي ايم يو تعليمي معيار، تحقيق ۽ سماجي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

باجوڙ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ 5 ڀارتي دهشتگرد مارجي ويا، ميجر شهيد، بارود ۽ هٿيار هٿ

ڀارتي حمايتي يافتہ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي باجوڙ ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران ڀارت جي سهولتڪاري سان تخريبڪار ڪندڙن کي نشانو بڻايو ويو

آپريشن ۾ 5 ڀارتي اسپانسرڊ خارجي مارجي ويا، شديد فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ميجر عديل زمان شهيد ٿي ويو، جيڪو فرنٽ لائين تي فوجي جوانن جي قيادت ڪري رهيو هو: آءِ ايس پي آر

سيڪيورٽي فورسز هٿان مارجي ويل ڀارتي دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو، لهي دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف ڪارروائين ۽ شهرين جي قتل ۾ بہ ملوث هئا: ترجمان

باجوڙ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي باجوڙ ضلعي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران پنج ڀارتي اسپانسرڊ خارجي مارجي ويا، جڏهن تہ شديد فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ميجر عديل زمان شهيد ٿي ويو. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، باجوڙ ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران ڀارتي اسپانسرڊ پنج خارجي ماريا ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

باجوڙ: آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ شهيد ٿيل ميجر عديل (فائيل فوٽو)

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان سينيٽ جي اڳوڻي چيئرمين صادق سنجراڻي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان بئنڪ اسلامي جي وفد جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخوا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

صدر پاران فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي جوانن کي خراج تحسين

ملڪ ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون پوري قوت سان جاري رهنديون: صدر آصف زرداري

ميجر عديل زمان جي جرئت ۽ ملڪ جي لاءِ ڏنل عظيم قرباني پوري قوم جي لاءِ فخر جوڳي آهي

صدر آصف علي زرداري شهيد ميجر عديل زمان جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ صبر جميل جي دعا ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري باجوڙ ضلعي جي علائقي خار ۾ فتنہ الخوارج جي خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

حماس عسڪري ترجمان "ابو عبيده" سميت اهم ڪمانڊرز جي شهادت جي تصديق ڪري ڇڏي

القسام بريگيڊز جي نئين ترجمان پنهنجي وڊيو بيان ۾ ٻين ڪمانڊرز جي شهادت جي تصديق ڪئي

ابو عبيده سميت محمد السنوار، رائد سعد، محمد شبانہ، حڪم العيسيٰ شهيد ٿي ويا آهن: ترجمان

ترجمان ابو عبيده کي سندس اصل نالي حذيفہ الڪحلوت جي نالي سان متعارف ڪرايو

غزا (م ڊ) فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس پنهنجي عسڪري ونگ القسام بريگيڊ جي ترجمان "ابو عبيده" جي شهادت جي تصديق ڪري ڇڏي. القسام بريگيڊز جي نئين ترجمان اڄ جاري
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

آڳهاڙي بمبار معصوم ڇوڪري کي بچائڻ ۾ انٽيليجنس ايجنسين جو ڪردار ساراهہ جوڳو آهي: شرجيل ميمڻ

ڇوڪري نابالغ آهي ۽ حڪومت دانشمندي وارو فيصلو ڪيو آهي تہ ڪيس قيد نہ ڪيو ويندو

دهشتگردن سوشل ميڊيا ذريعي معصوم جو برين واش ڪري ناپاڪ مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

هي واقعو پوري قوم لاءِ اکيون کولڻ وارو آهي، هي کا تحريڪ نہ پر ڪليل حيوانيت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هڪ ڇوڪري کي بچائڻ ۾ انٽيليجنس ايجنسين جي ڪردار جي تعريف ڪندي چيو آهي تہ وقت سر معلومات ۽ گڏيل ڪارروائي ذريعي نہ رڳو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار حراست ۾ ورتل نينگري سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

پوري قوم دهشتگردي جي خلاف ان جنگ ۾ پاڪستان جي فوج سان گڏ بيٺل آهي: وزيراعظم

باجوڙ ۾ فتنہ الهندوستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن خلاف ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

آپريشن عزم استحڪام تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي خلاف ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف باجوڙ جي علائقي خار ۾ فتنہ الهندوستان سان تعلق رکندڙ خوارج جي خلاف ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي آپريشن ۾ 5
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ملڪي مٽا سٽا وارن ناڻي جا ذخيرا 4.614 ارب ڊالر جي واڌ سان 21.023 ارب ڊالر ٿي ويا

ذريل سال جي پڄاڻي تي ملڪي مٽا سٽا وارن ناڻي جي ذخيرن جو ڳاڻيٽو 16.409 ارب ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو

سال 2025ع دوران اسٽيٽ بئنڪ جي ناڻي جي مٽا سٽا وارن ذخيرن ۾ مجموعي طور تي 4.192 ارب ڊالر رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سال 2025ع دوران ملڪي مٽا سٽا وارن ناڻي جي ذخيرن ۾ مجموعي طور تي 4.614 ارب ڊالر جو نمايان اضافو ٿيو اسٽيٽ بئنڪ طرفان
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

شيخوپوره: تيز رفتار بس ۽ رڪشا ۾ ٽڪر سبب 3 ڄڻا فوت، 3 زخمي

شيخوپوره (اي پي پي) شديد ڪوهيڙي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: انجنيئر امير مقام

وزيراعظم شهباز شريف ملڪ جي نوجوانن لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيو آهي

چڪدره (اي پي پي) ڪشميس گلگت
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير جو شاهين چوڪ انڊر پاس جو دورو، ٽريفڪ لاءِ کولڻ جو اعلان

اسلام آباد ۾ ٽريفڪ جي پراڻي مسئلي کي مستقل بنيادن تي حل ڪيو ويندو: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي عوامي سهولت جي وڏي منصوبي شاهين چوڪ انڊر پاس جو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اين ڊي ايم اي موسمي ايڊوائيزري جاري ڪري ڇڏي

اولهہ جي هوائن جي سسٽم کي نظر ۾ رکندي هدايتون جاري

2 جنوري جي صبح تائين برفباريءَ سبب رستن جي بندش جو خدشو

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل ڊزاسٽر مئنجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ ملڪ جي مختلف حصن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جو ملڪ عامر ڊوگر کي خط

اڳوڻي مخالف ڌر جي اڳواڻ بابت التوا هيٺ ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ جي درخواست

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي هدايت تي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ چيف وهپ مخالف ڌر جي اڳواڻ ملڪ عامر ڊوگر کي خط موڪليو ويو آهي جنهن ۾ اڳوڻي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ اقليتن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ ڳڻتي جوڳو آهي، عالمي برادري نوٽيس وٺي: پاڪستان

رسمس جي موقعي تي پيچ ڏاهہ ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ جي لاءِ رياستي سرپرستي ۾ مهم جي عڪاسي آهي

محمد اخلاق سان پيش ايندڙ واقعي مسلمانن ۾ خوف ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي، اهڙي قسم جا واقعا انسانيت خلاف آهن

ڀارت ۾ ڪمزور طبقن جي بنيادي حقن جي تحفظ جي لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن: ترجمان پرڏيهي آفيس طاهر اندرابي

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ڀارت ۾ اقليتن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي تہ ڪرسمس جي موقعي تي پيچ ڏاهہ ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ جي لاءِ رياستي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اي پي اين ايس صدر سينيٽر سرمد علي، فيسٽيول آف بڪس اينڊ لائبريرز جي تقريب کي خطاب ڪندي

انڊونيشيا جي نرسنگ هوم ۾ باهہ لڳڻ سبب 16 ڄڻا فوت

جڪارتا (اي پي پي) انڊونيشيا جي صوبي سولاويسي جي گادي واري شهر منادو ۾
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

چين جي ايسٽرن ٿيٽر ڪمانڊ جون تائيوان ويجهو مشقن جي شروعات

بيجنگ (اي پي پي) چين جي ايسٽرن ٿيٽر ڪمانڊ تائيوان ويجهو جامع فوجي مشقن
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد فوجي عدالت جي سزا خلاف اپيل داخل ڪري ڇڏي

فوجي عدالت فيض حميد کي چئن الزامن ۾ ڏوهاري قرار ڏيندي 14 سال پورهئي سان سزا ٻڌائي هئي

فيض حميد کي فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي فيصلن خلاف اپيل داخل ڪرڻ جي لاءِ 40 ڏينهن جي مهلت حاصل هئي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد جي وڪيل نجي چينل سان ڳالهائيندي تصديق ڪئي آهي تہ فوجي عدالت طرفان ٻڌايل سزا جي خلاف اپيل داخل ڪئي وئي آهي وڪيل ميان علي اشفاق اپيل داخل ٿيڻ جي تصديق ڪئي پر انهي حوالي سان وڌيڪ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير سان گڏ ڪاليج آف ميڊيڪل ٽيڪنالاجي جو افتتاح ڪندي

ڀارتي فوج پنهنجي اهلڪارن لاءِ سوشل ميڊيا جي استعمال بابت سخت پاليسي جاري ڪري ڇڏي

ڀارتي فوجي اهلڪار انسٽا گرام، فيس بڪ، ايڪس (ٽوئٽر) ۽ ٻين سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي تبصرو، لائيڪ يا مواد شيئر نہ ڪري سگهندا

سوشل ميڊيا تي ڀارتي فوجي اهلڪارن ۽ اڳوڻن آفيسرن پاران مودي حڪومت ۽ عسڪري قيادت تي تنقيد ۾ اضافو ڏٺو ويو

ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ عيسائي فوجي اهلڪار سيموئيل ڪماليسن جي ڪورٽ مارشل جو معاملو بہ سوشل ميڊيا تي بحث هيٺ رهيو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي فوج پنهنجي اهلڪارن لاءِ سوشل ميڊيا جي استعمال بابت هڪ نئين سخت پاليسي جاري ڪئي آهي، جنهن تحت فوجي اهلڪار انسٽا گرام، فيس بڪ، ايڪس
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد پريس ڪلب جون چونڊون، ڊيموڪريٽڪ گروپ ڪامياب، جشن جهمريون

صدر جنيد خانزادو، نائب صدر جڳہ پرڪاش موراڻي ۽ جنرل سيڪريٽري اشوڪ شرما ڪاميابي ماڻي

جوائنٽ سيڪريٽري فهيم ڀيو ۽ خزانچي جي سيٽ اڪرم شاهد وڏي اڪثريت سان سوڀارا

گورننگ باڊي ميمبر لاءِ لالا رحمان سمون، خالد ڪوڪر علي حسن، اقبال ملاح ظفر هڪڙو ۽ ٻين جي فتح

ايسوسيئيٽ سيٽ تي راجا انور چانڊيو بنا مقابلي ڪامياب، مخالف گروپ جا سمورا اميدوار هارائي ويا

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد پريس ڪلب جي سال 2026ع جي چونڊون ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ٿيون جنهن ۾ ڊيموڪريٽڪ عقيل ابراهيم گروپ جي جنيد خانزاده 82 ووٽ کڻي صدر جڳہ پرڪاش
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پريس ڪلب جي سالياني چونڊن ۾ ميمبر ۽ عهديدار ووٽ جو حق استعمال ڪندي

مالاڪنڊ: سوات موٽروي پل ٽول پلازه ويجهو مسافر ڪوچ سان حادثو، 3 ڄڻا فوت، 13 زخمي

پشاور (اي پي پي) مالاڪنڊ ۾ سوات موٽروي پل چوڪي ٽول پلازه ويجهو مسافر ڪوچ حادثي جو شڪار ٿي وئي، جنهن سبب 3 ڄڻا فوت ۽ 13 زخمي ٿي پيا.
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس آفيس ۾ جديد ڊجيٽل لائبريري قائم، آءِ جي افتتاح ڪيو

لائبريري ۾ قانون، پوليس قاعدا، عدالتي فيصلا ۽ ٻيون معلومات فراهم ڪيون ويون

پوليس جي تاريخي ۽ تحقيقي مواد جي سنڀالپ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي: غلام نبي ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ غلام
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايويڪيو ٽرسٽ جي زمين جو مبينا جعلي الاٽمينٽ ليٽر جاري، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) روينيو اختيارين جو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

شڪارپور پوليس جو وڏو آپريشن، چار ڌاڙيل مارڻ ۽ 22 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻيءَ ۾ رستم ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪيو: پوليس

مقابلي دوران ڄڃ تي حملي ۾ ملوث ڌاڙيل اربيلو، مهربان ۽ ٻيا مارجي ويا ۽ 22 ڄڻا زخمي ٿي پيا

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي ۽ ٽيم کي ڪامياب ۽ بهادرانہ ڪارروائي تي شاباس ڏني

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻيءَ ۾ رستم ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف سخت ۽ ڀرپور پوليس ڪارروائي گڏيل ڏينهن کان جاري هئي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: ڪچي واري علائقي ۾ پوليس آپريشن دوران مارجي ويل ڌوهارين جا لاش

پي آءِ اي مان ملازمن کي برطرف نہ ڪنداسين، وڌيڪ باصلاحيت ملازم ڀرتي ڪنداسين: عارف حبيب

قومي ايئرلائين جي نيلامي ۾ صاف ۽ شفاف بولي لڳائي وئي، ميرٽ جي بنياد تي اسان کي پي ٽي آءِ ملي آهي

پي آءِ اي وٽ 32 جهاز آهن، 78 بيٺل آهن، جن کي نيلام ناهي ڪيو، ڪوشش آهي تہ انهن جي بہ نيلامي ٿئي تہ حصو وٺنداسين

اداري کي منافعي بخش سميت مسافرن کي بهترين سهولتون ڏيندڙ بڻائينداسين ۽ 12 نوان جهاز فوري طور بيڙي ۾ شامل ڪنداسين: عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) قومي ايئرلائين خريد ڪندڙ عارف حبيب گروپ جي چيئرمين عارف حبيب چيو آهي تہ پي آءِ اي جي نيلامي ۾ صاف ۽ شفاف بولي لڳائي وئي، ميرٽ جي بنياد تي اسان کي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران صوبي ۾ تاريخي ۽ ورثي وارين عمارتن جي جامع سروي ڪرائڻ جو فيصلو

چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ جي صدارت هيٺ ثقافتي ورثي بابت مشاورتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

صوبي جون تاريخي عمارتون سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ تاريخي ورثي جي عڪاسي ڪن ٿيون

انهن عمارتن جي تحفظ لاءِ تصديق ٿيل ڊيٽا، مضبوط فني صلاحيت ۽ اثرائتن قانونن جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پوري صوبي ۾ تاريخي ۽ ورثي واري عمارتن جي جامع سروي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيئن ثقافتي ورثي جي اثرائتي تحفظ، دستاويزي رڪارڊ جي بهتري ۽ قانوني
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: بلاول ڀٽو زرداري هڪ شاگرديائي کي ڊگري ڏئي رهيو آهي

ڪراچي شهر ۾ 46 ارب رپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ڪري رهيا آهيون: مرتضيٰ وهاب

پنهنجي ٽيم کي 30 جون تائين 799 ترقياتي اسڪيمون مڪمل ڪرڻ جو هدف ڏنو آهي

چار وڏن ڪوريڊورن کي بهتر بڻائڻ لاءِ 4 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ هن سال کي ترقياتي ڪمن جو سال قرار ڏنو ويو هو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وڌيڪ هڪ معصوم ٻارڙو کليل مين هول ۾ ڪري فوت

ڪورنگي ۾ 8 سالن جو دلبر علي گهر ٻاهران راند ڪندي مين هول ۾ ڪري پيو

علائقي جي رهواسين بروقت قدم کڻي ٻار کي ٻاهر ڪڍيو پر هو بچي نہ سگهيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي جي مهراڻ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سيڙپڪاري ضروري آهي: سهيل راجپوت

حيدرآباد جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ ۽ تعليمي فنڊ فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهندس: محتسب اعليٰ سنڌ

اعليٰ تعليم نوجوانن جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي، ڇوتہ ترقي لاءِ اهو ئي واحد رستو آهي: معين الدين صديقي

حيدرآباد ۾ جلد اعليٰ معيار جو آءِ ٽي پارڪ قائم ڪيو ويندو، سمورين تيارين مڪمل ڪيون ويون آهن: ڊاڪٽر زبير شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محتسب اعليٰ محمد سهيل راجپوت ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ نوجوان عالمي آبادي جو سڀ کان وڏو حصو آهن ۽ پاڪستان ۾ تقريبن 65 کان 70 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي ٻڌل
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي جو رجحان، 100 انڊيڪس 173639.89 پوائنٽس تائين پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس بنيهرن تائين 1239.16 پوائنٽ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪي فور پي سي سي لائيننگ سنڌ لاءِ انتهائي اهم منصوبو آهي: جام خان شورو

هي منصوبو سنڌو درياهہ جو پاڻي ڪينجهر ڍنڍ تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

منصوبي سان ڪراچي کي صاف پاڻي جي فراهمي بهتر ٿيندي ۽ آبپاشي نظام ۾ سڌارو ايندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي آبپاشي واري وزير جام خان شورو سيڪريٽري آبپاشي ظريف اقبال کهڙو سان گڏ، ڪي
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا پاران ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ڪروز ميزائلن جو تجربو

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا سمنڊ ۾ ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ بز اسٽريٽيجڪ ڪروز ميزائلن جو تجربو ڪيو
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

مليرہ ۾ پولٽري فارم مالڪ کان ڪروڙ رپيا ڦُر ۾ ملوث مئنيجر ۽ سندس ٻن ساٿي گرفتار

شاهہ لطيف پوليس واقعي جي جاچ ڪندي پولٽري فارم جي مئنيجر عبدالمنان کي سوگهو ڪيو

سندس نشاندهي تي وڌيڪ ٻن ساٿي گرفتار، 54 لک رپيا روڪ، 2 پستول ۽ 5 موبائل فون هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ مليرہ شاهہ لطيف پوليس ڪارروائي ڪندي مالڪ کان هڪ ڪروڙ رپين جي ڦُر ڪندڙ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

عوامي خدمت ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي: گيانچند ايسراڻي

موبائل يونٽس ۽ ريسڪيو سروسز جي نگراني، ڊيٽا ۽ رڪارڊ جي شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي

ٻوڏ دوران ضلعن ۾ استعمال ۽ ورچ ڪيل رليف سامان جو مڪمل رڪارڊ حاصل ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحاليءَ ڪاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ بحالي ڪاتي جي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ ۽ ٻيا آفيسر ڊجيٽل لائبريري جو معائنو ڪري رهيا آهن

غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج خلاف ڪريڪ ڊائون ۾ هڪ ارب 99 ڪروڙ رپيا هٿ

ايف آءِ اي جي سالياني ڪارڪردگي رپورٽ: ملوث ڌرين خلاف وڏي پيماني تي آپريشن

هٿ ڪيل رقم ۾ هڪ ارب 45 ڪروڙ کان وڌيڪ پاڪستاني رپيا ۽ 7 لک 77 هزار کان وڌيڪ آمريڪي ڊالر شامل

ڪوهاٽ مان 63، لاهور مان 58، اسلام آباد مان 22، فيصل آباد مان 15 ۽ حيدرآباد زون مان 14 ملزم گرفتار ڪيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) سال 2025ع دوران سڄي ملڪ مان حوالہ هنڊي ۽ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث ڌرين خلاف وڏي پيماني تي آپريشنز ڪيا. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ڊائريڪٽر جنرل رفعت مختار راجا جي خاص هدايتن تي سال
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ نوجوان زخمي، اسپتال داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلستان جوهر واري علائقي ۾ انڌي گولي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙي دوران گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان علاج دوران فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پير آباد نصرت نگر علائقي ۾ جهيڙي دوران
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

جاتي لڳ ٻن ٻارن جي ماءُ وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

وڏيرو گل حسن ٺهيم جي زمين تي رهندڙ پورهيت جي ناري اميتا زال ساوڻ ڀنهور آپگهات ڪيو

لاش تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو، آپگهات ڪندڙ عورت جو دماغي توازن درست نہ هو: وارث

جاتي(ن ع) جاتي تعلقي جي يونين ڪائونسل ڪوٺي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي وڏيرو گل حسن ٺهيم جي زمين تي رهندڙ شادي شده ٻن معصوم ٻارن جي ماءُ 36 ورهين جي اميتا زال ساوڻ ڀنهور وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي. ڳوٺاڻن طرفان لاش ڏسڻ شرط جاتي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جيڪب آباد جي نابين قلي وڊيو تي نوٽيس، مالي مدد ۽ پٽ کي نوڪري ڏيڻ جو فيصلو

قلي اڪبر علي جي پٽ کي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سب ڊويزن ۾ چوڪيدار طور مقرر ڪيو ويو

سندس ڌيءَ کي بہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

قلي اڪبر جمالي کي هڪ لک رپيا مالي مدد پڻ فراهم ڪئي ويندي: نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جيڪب آباد جي نابين قلي اڪبر علي جي وڊيو جو نوٽس وٺي ڇڏيو جيڪب آباد جي قلي اڪبر علي جي پٽ کي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سب ڊويزن ۾
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پي آءِ اي خريد ڪندڙ عارف حبيب هڪ تقريب ۾ شرڪت دوران ڳالهائي رهيو آهي

ميڪسيڪو ريل گاڏي پٽڙي تان لهي وڃڻ سبب 13 ڄڻا اجل جو شڪار، 98 زخمي

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو ۾ ريل گاڏي پٽڙي تان لهي وڃڻ سبب 13 ڄڻا اجل شڪار ۽ 98 زخمي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بزرگ عورت جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش هٿ آيو، جناح اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلستان جوهر بلاڪ 9 ۾ الحبيب يونيورسٽي جي ويجهو هڪ بزرگ عورت
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽن ڏيئرن جي پيءُ پاڻ کي ڦاهو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

لياري نبي باغ لائين ۾ محمد يونس ولد عبدالغفور مبينا طور آپگهات ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو، واقعي جي جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي لياري ڪالاڪوٽ باغ لائين جو رهواسي ڏيئرن جي پيءُ پاڻ کي ڦاسي ڏئي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ غير رسمي تعليم جي واڌاري لاءِ 1420 نوان نان فارمل ايجوڪيشن سينٽر قائم

سماجي ڀائيواري واري منصوبي تحت 30 کان وڌيڪ سماجي تنظيمن سان معاهدن تي صحيحيون ڪيون ويون

صوبي ۾ اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن کي تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن: سردار شاهہ

غربت، امن امان صورتحال، سماجي روايتون ۽ نفسياتي مسئلا ٻارن جي تعليم کان محروم رهڻ جا وڏا ڪارڻ آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ خانگي شعبي ۽ سماجي تنظيمن جي سهڪار سان غير رسمي تعليم جي واڌاري لاءِ 1420 نوان نان فارمل ايجوڪيشن سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان وزير تعليم
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: محتسب اعليٰ سنڌ سهيل راجپوت کي گلدستو پيش ڪيو پيو وڃي

بقايا 1 راڻا تنوير

منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي حڪمت عملي پاڪستان کي دنيا ۾ اهم بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته حڪومت معيشت کي سنڀالي ورتو آهي ۽ سڀ معاشي اشاريه هاڻي مثبت رخ ۾ آهن.راڻا تنوير حسين وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن هلندڙ سال آءِ ايم ايف کان جان نه ڇٽي سگهي ته پوءِ پاڪستان کي وڌيڪ سخت شرطن سان ٻيهر آءِ ايم ايف وٽ وڃڻو پوندو.وفاقي وزير جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ اليڪشن ڪميشن ۾ سياسي جماعت طور رجسٽرڊ ٿي ناهي، ۽ هن پارٽي جو نظريو فاشسٽ آهي جيڪو جمهوري روايتن لاءِ زهر قاتل بڻيل آهي. هن چيو ته سهيل آفريدي لاهور جي گهٽين ۾ گهمي پنجاب جي ترقي مان لطف اندوز ٿي رهيو آهي.راڻا تنوير حسين وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ وارا جيڪڏهن افغان طالبان پارٽي پراڪسي نه بڻجن ته ساڻن ڳالهين لاءِ تيار آهيون.

بقايا 2 پهچي ويو

علائقي سردار ڳوڙهه پهچي ويو آهي. بلاول ڀٽو زرداري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي دعوت تي علائقي جو دورو ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب بلاول ڀٽو زرداري ريگستاني علائقي ۾ قائم عرب شهزادن جي ڪيمپ جو دورو ڪندو، جتي گڏيل عرب امارات جي وفاقي وزير شيخ النهيان بن مبارڪ سان ملاقات ڪندو. ملاقات دوران ٻطرفي دلچسپي جي معاملن سميت علائقي جي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ متوقع آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي آمد بعد سردار ڳوڙهه مهر هائوس تي قيام ڪيو ويندو جتي مقامي سياسي اڳواڻن ۽ معزز شخصيتن سان غير رسمي ملاقاتون پڻ ڪيون وينديون. بلاول ڀٽو زرداري جي آمد جي سلسلي ۾ ضلعي انتظاميا طرفان سڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا آهن پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته علائقي ۾ داخلا ۽ نڪرڻ تي سخت نگراني جاري آهي. واضح رهي ته بلاول ڀٽو زرداري جو هي دورو نجي نوعيت جو آهي، تنهن هوندي به علائقي ۾ سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ هن دوري کي خاص اهميت ڏني پئي وڃي.

بقايا 3 نوابشاهه پهتو

نوابشاهه پهتو صوبائي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار، ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه ايم پي اي چوڌري جاويد آرائين پارٽي ضلعي صدر سليم زرداري، سيد علي حيدر شاهه سٽي صدر خان بهادر ڀٽي ۽ ٻين صدر آصف علي زرداري جو استقبال ڪيو صدر آصف زرداري ايئرپورٽ کان سخت سيڪيورٽي ۾ زرداري هائوس روانو ٿيو صدر آصف زرداري جي آمد جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن ذريعن موجب صدر آصف علي زرداري ڪن ڏينهن تائين نوابشاهه ۾ رهندو. صدر زرداري پنهنجي رهائش دوران والدين جي قبرن تي حاضري ڀريندو. آصف علي زرداري پنهنجي دوري دوران پارٽي اڳواڻن سان ملاقاتون به ڪندو.

Office of the Provincial Election Commissioner Punjab

No.F.24(28)/2025-GSC-LGE

TENDER NOTICE

Electronic Tenders through EPADS (Electronic Pakistan Acquisition & Disposal System) are invited from the reputed firms / Companies / Suppliers / Manufacturers, who are registered with Income Tax and Sales Tax (GST) Directorates for the supply of following items in the Office of Provincial Election Commissioner, Punjab and Offices of District Election Commissioner in Punjab, for the conduct of upcoming Local Government Elections as per following detail:-

DETAIL OF ITEMS

Sr. No	Name of Item	Approx Quantity	Estimated Cost (Rs….)
1	2	4	5
1	Transparent Ballot Boxes with Lids (Green & White)	Ballot Box =40,000 Lids Green =20,000 Lids White =20,000	68,680,000
2	Foldable Screened Off Compartments	123,100	392,319,700
3	Plastic Seal	600,000	6,888,000
4	Official Code Mark Nylon Stamps	60,000	7,740,000
5	Marking Aid Rubber Stamps	263,000	683,800
6	Brass Seals	10,000	568,600

Terms & Conditions

1. Tenders, complete in all respect, should be submitted on EPADS on or before tender's opening date i.e. **16-01-2026 (Friday) at 11:00AM** which will be opened on the same date at 11:30AM in the presence of Tender Committee and bidders as may be present.
2. The Bidders are required to submit their bids online on EPADS (E-Pak Acquisition & Disposal System) https://eprocure.gov.pk and no bid other than EPADS will be accepted.
3. Tender documents containing detail of Items alongwith specifications and terms & conditions can be downloaded from EPADS (E-Pak Acquisition & Disposal System) https://eprocure.gov.pk
4. The Bidder will not set forth their own terms and conditions contradictory to the terms and conditions given in the documents or PPRA Rules. In the event of arbitration as a result of conflict, the terms and conditions given in the tender documents or PPRA Rules will prevail.
5. Firms should submit a **"Undertaking" on Rs.200/- stamp paper** that the Firm/ Company has never been declared blacklisted or defaulter by any Government/semi-Government office of Pakistan.
6. The Bidder can quote the rate of single item or all items.
7. Price should be quoted in Pak Rupees both in words and figures.
8. The Price quoted should be final and clearly written/typed without any ambiguity.
9. The price should be inclusive of all the government taxes (including GST/PST if applicable), duties, and delivery charges.
10. Payment will be made upon successful or complete supply / delivery of work order.
11. Bidders shall furnish Bid security / Earnest money equivalent to **5% of estimated cost separately of the total value** of the bid in the form of Bank Draft/ Pay Order / Bank Guarantee / CDR issued by the scheduled bank of Pakistan in favour of DDO, office of Provincial Election Commissioner, Punjab, Lahore which will be submitted in original before closing of tender physically in the office of Provincial Election Commissioner, Punjab, Lahore.
12. Bid Security shall be forfeited if the bidder withdraws its bid during the period of bid validity, fails to sign the contract, or fails to furnish the required Performance Guarantee.
13. Each successful Firm will furnish a Performance Guarantee in the shape of Bank Guarantee issued by the scheduled bank @ 10% of the contract Amount in favour of DDO, PEC, Punjab.
14. The procedure of **Single Stage – Two Envelopes** will be adopted i.e. **"Financial Proposal" and "Technical Proposal".**
15. The validity of bid/offer for all the items will be for a period of **June, 2026**.
16. Items will have to be delivered / provided within **45 days** of issuance of work order from this office.
17. Samples of tendered items can be inspected, available in the office of undersigned on any working day during office hours.
18. Two sets of samples of each item should be submitted in accordance with the specifications / specimen and free of charge to the undersigned before opening the tenders.
19. All expenses related to sample testing shall be the sole responsibility of the firms participating in the bidding process.
20. In case of delay in supply or substandard quality, Liquidated Damages shall be imposed at the rate of 0.5% per week, or 2% per month subject to a maximum of 10% of the contract value.
21. These items shall be supplied to PEC, Punjab, Lahore & District Election Commissioners in Punjab Province, either in full or in partial consignments.
22. The procuring agency reserves the rights to increase or decrease the number of items being purchased at any stage as per requirement.
23. The Provincial Election Commissioner, Punjab / Competent Authority reserve the right to reject any Tender or all tenders in accordance with Rule-33(1) of PPRA Rules-2004.

(Ayesha Ambreen) Assistant Director (GSC)
Ph:042-99212207

PID(L)1743/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پڇاڙيءَ تي پهچندڙ سال ۽ مهانگائي! صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
ڊائريءَ ۾ سمايل يادن جو سرمايو! صفحو 4

اهڙا هوٽل، جتي ماڻهو نه پر جيت پلجن ٿا ۽ پڪي گهر ناهين ٿا!
عبدالله عثمان مورائي صفحو 4

رسول بخش رئيس صفحو 4
”نئين سال جي آمد“

مهراڻ ۾ ٽئين انٽرنيشنل گهڻ موضوعاتي انفارميشن ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي ڪانفرنس جي پڄاڻي

هي دور ملٽي ڊسيپلينري آهي، هر شعبي ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جو تعلق آهي: پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي

2008ع ۾ سول انجنيئرنگ شعبي مهراڻ يونيورسٽي ۾ پهرين عالمي ڪانفرنس ڪئي ان ڪانپوءِ اهو قابل فخر سلسلو جاري رهيو آهي

پروفيسر ڊاڪٽر پواني شنڪر ليجينڊري پروفيسر آهي جنهن جي ڪوشش سان مهراڻ يونيورسٽي عالمي دنيا ۾ پنهنجو تعارف جوڙيو آهي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران منعقد ڪيل ٽن ڏينهن واري ٽئين انٽرنيشنل گهڻ موضوعاتي انفارميشن ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي ڪانفرنس (IMTIC'25)جي افتتاحي تقريب واٽر سينٽر مهراڻ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته 2008ع ۾ سول انجنيئرنگ شعبي مهراڻ يونيورسٽي ۾ پهرين عالمي ڪانفرنس ڪئي ان ڪانپوءِ اهو قابل فخر سلسلو جاري رهيو آهي. هن چيو ته پروفيسر ڊاڪٽر پواني شنڪر ليجينڊري پروفيسر آهي جنهن جي ڪوشش سان مهراڻ يونيورسٽي عالمي دنيا ۾ پنهنجو تعارف جوڙيو آهي. پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته سهڪار ۽ تعاون سان وڌيڪ نتيجا حاصل ڪري سگهون ٿا. هن چيو ته هي دور ملٽي ڊسيپلينري آهي. هر شعبي ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جو تعلق آهي. پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته سول انجنيئرنگ جو شعبو هجي يا مڪينيڪل انجنيئرنگ جو اتي به ٽيلي ڪميونيڪيشن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن جو ڪم آهي. هاڻي ڪوبه شعبي واري دنيا ناهي به چار يا ان کان وڌيڪ شعبا گڏيل آهن. تحقيق به ائين ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته پائيدار ترقي جي تصور ذهن ۾ رکڻ ڪانسواءِ ڪا تحقيق ۽ ڪا رٿا ڪامياب ناهي. مهراڻ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر قدير خان راجپوت ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب کي مهمان خاص جي حيثيت ۾ خطاب ڪندي چيو ته مهراڻ ۾ پنهنجي گهر مهمان ٿي اچڻ واري ڳالهه آهي. اسين سمجهان ٿو ته ڄاڻ ڄاڻ طاقت ناهي پر اها وندڄڻ سان طاقت ٿئي ٿي. هن چيو ته مصنوعي ذهانت هاڻي هر شعبي ۾ آهي. ڪوئي شعبو اهڙو ناهي جتي مصنوعي ذهانت جو ڪردار نه هجي. ڊاڪٽر قدير خان راجپوت چيو ته مون 1971 ۾ ليڊس يونيورسٽي برطانيا مان ماسٽرز ڪئي. هن چيو ته 60 وارو ڏهاڪو نيٽ ورڪ ڪميونيڪيشن جو زمانو هو. هن چيو ته دنيا ۾ مصنوعي ذهانت جو تصور به 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي چڪو هو. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نيشنل يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي اسلام آباد جي پروفيسر ڊاڪٽر سيد علي حسن چيو ته اسان 3جيز جي دور ۾ آهيون پر اينڊڙ ڇهن ڪان اٺن سالن ۾ 6جيز جو دور هوندو. هن چيو ته 1980 ۾ 1جي آئي ۽ اهو سفر 2020 تائين 5جيز تائين پهتو. ٽيلي ڪميونيڪيشن جي دنيا ۾ هر ڏينهن وڏيون تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. دنيا ۾ 90 سيڪڙو ملڪن ۾ 5جيز استعمال ٿي رهي آهي 2026 تائين پاڪستان ۾ به 5جيز هلي وينديون. هن چيو ته نيٽ ورڪ جي رفتار وڌي پئي منٽن واري ڳالهه سيڪنڊن ۾ ۽ سيڪنڊن واري مائڪرو سيڪنڊن ۾ تبديل پئي ٿئي. ڪانفرنس جي باني ۽ سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر پواني شنڪر چوڌري چيو ته هي سترنهن سالن جو سفر آهي جو مهراڻ يونيورسٽي ۾ امڪ ڪانفرنس ٿيندي اچي. هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جي هن ڪانفرنس جي ڪارروائي جرمني جي تحقيقي ميگزين اسپرنگر ۾ شايع ٿيندي رهي آهي جيڪو مهراڻ يونيورسٽي ۽ پاڪستان لاءِ وڏو اعزاز آهي. پروفيسر ڊاڪٽر پواني شنڪر چيو ته هن ڪانفرنس سان مهراڻ يونيورسٽي جا دنيا جي مڃيل يونيورسٽين جي پروفيسرن سان تعلقات جڙيا ۽ انهن سان علمي ڄاڻ سڪيا ۽ تربيت ۾ چاهه رکندڙن کي فائدو ٿيو. پروفيسر پواني شنڪر چيو ته 400 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا اسپرنگر ۾ شايع ٿي چڪا آهن دنيا جي وڏن تحقيقي جرنلز ۾ مقالا شايع ٿيڻ سان مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ يونيورسٽي جو نالو وڌيو آهي. ڪانفرنس بابت بڌائيندي ڊاڪٽر ضمير ڪورائي چيو ته ڪانفرنس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ 95 تحقيقي مقالا وصول ٿيا جن مان صرف 34 پيش ڪرڻ لاءِ منظور ڪيا ويا آهن. هن چيو ته هي ڪانفرنس سر سيد يونيورسٽي ڪراچي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي گڏيل آهي ٻنهي يونيورسٽين ۾ ڪارروائي جاري آهي ڪانفرنس ۾ بلغاريه، آئرلينڊ، برطانيا ۽ آمريڪا جا محقق، ماهر ۽ اسڪالر پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪندا. افتتاحي تقريب کي سر سيد يونيورسٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر محمد عامر ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر فيصل ڪريم شيخ پڻ خطاب ڪيو. ڪانفرنس ۾ مهراڻ يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار ڊين فئڪلٽي اشفاق هاشماڻي پروفيسر ڊاڪٽر رضوان ميمڻ رجسٽرار ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو سميت مهراڻ يونيورسٽي جي استادن شاگردن ۽ ڪانفرنس ۾ مقالا پيش ڪندڙن شرڪت ڪئي.

ٽنڊوڄام ويجهو او جي ڊي سي ايل پاران مفت طبي ڪئمپ

ڪئمپ جو باضابطه افتتاح ريجنل ڪوآرڊينيٽر امام علي عباسي ڪيو

ڊاڪٽر غلام سرور مهر ۽ ڊاڪٽر ڪنزه فاطمه مريضن جو معائنو ڪري علاج ڪيو

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ويجهو ٽنڊو عالم مري ۾ آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي ايل) جي سهڪار سان اکين جي علاج لاءِ مفت طبي ڪئمپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٻهاول زئونن هوسڙي، ٽنڊو عالم، شيخ رهاڻ ۽ ڀرپاسي جي ٻين ڳوٺن مان آيل عورتن، مردن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ اکين جي جاچ ڪرائي ۽ علاج ڪرايو. ڪئمپ جو باضابطه افتتاح او جي ڊي سي ايل حيدرآباد جي ريجنل ڪوآرڊينيٽر امام علي عباسي سينيئر سي ايس آر آفيسر برڪت علي سوهو ۽ فيلڊ مينيجر رضا سعيد ڪيو. ڪئمپ دوران نالي واري ڊاڪٽرن ڊاڪٽر غلام سرور مهر ۽ ڊاڪٽر ڪنزه فاطمه مريضن جو معائنو ڪري علاج ڪيو. انهي موقعي تي او جي ڊي سي ايل ريجنل ڪوآرڊينيٽر امام علي عباسي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته او جي ڊي سي ايل پنهنجي سماجي ذميوارين تحت ٻي پهچ ۽ غريب ماڻهن لاءِ صحت جي شعبي ۾ عملي قدم کڻي رهي آهي. هنن ٻڌايو ته هن کان اڳ ٽنڊوڄام شهر ۽ ڪنر آئل فيلڊ ۾ اکين جي علاج وارين ڪئمپون لڳايون ويون جتي مريضن کي مفت دوائون عينڪون فراهم ڪيون ويون ۽ آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا. هنن چيو ته او جي ڊي سي ايل صرف اکين جي علاج تائين محدود نه آهي پر ڪاري ڪامڻ ۽ عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر جهڙين موذي بيمارين کان بچاءَ لاءِ پڻ آگاهي ۽ چڪاس جون ڪئمپون قائم ڪري رهي آهي جو جو ڪيترائي ماڻهو مالي مجبوري سبب علاج کان محروم رهجي وڃن ٿا. هنن عوام کان اپيل ڪئي ته هو اهڙين فلاحي ڪئمپن ۾ شرڪت ڪري پنهنجي صحت بابت بروقت جاچ ڪرائن ۽ مفت طبي سهولتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن.

ٽنڊوڄام: ويجهو او جي ڊي سي ايل پاران مفت طبي ڪئمپ معائنو ڪندي

مسوسب ڊوبڻ مان نڪرندڙ حيدرآباد برانچ جي ڪپڻ تي بيشل قيمتي ۽ ناياب وڻن جي واڍي جاري

فاريسٽ کاتي جي رينجرز آفيسر پاران مبينا طور وڻ وڍرائڻ جو سلسلو جاري هجڻ تي ساڃاهه وندن ۾ تاءُ

علائقي ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافي، پکين ۽ ٻين جيوت جي لڏپلاڻ ۽ انساني صحت تي منفي اثر پوڻ جا خدشا ظاهر

ٻيلي کاتي جا ذميوار آفيسر قانون ۽ ماحولياتي اصولن جي کليل خلاف ورزي ڪري رهيا آهن فوري ڪارروائي ڪئي وڃي: ساڃاهه وند

مسوبڙو: فاريسٽ کاتي جي رينجرز آفيسر پاران مبينا طور وڻ وڍرائڻ جو سلسلو جاري هجڻ تي ساڃاهه وندن ۾ تاءُ

مسوبڙو (ن ع) مسوسب ڊوبڻ مان وهندڙ حيدرآباد برانچ جي ٻنهي ڪپڻ تي بيشل قيمتي ۽ ناياب وڻ فاريسٽ کاتي جي رينجرز آفيسر پاران مبينا طور وڍرائڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب علائقي جو خوبصورت قدرتي ماحول ۽ ايڪو سسٽم سخت متاثر ٿي رهيو آهي وڻن جي بي رحمانه وڍجڻ سان نه رڳو سرسبز منظر ختم ٿي رهيو آهي پر ماحولياتي آلودگي ۾ پڻ خطرناڪ حد تائين واڌ ٿي رهي آهي مقامي ماڻهن ۽ ماحولياتي ماهرن موجب وڻن جي ڪٽائي سبب هوا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو تناسب وڌي رهيو آهي جڏهن ته آڪسيجن جي ڪوت ۽ زهريلي سموگ جو خطرو پڻ وڌي ويو آهي علائقي ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافي پکين ۽ ٻين جيوت جي لڏپلاڻ ۽ انساني صحت تي منفي اثر پوڻ جا خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن ان عمل خلاف سياسي سماجي ڌرين شهري تنظيمون ۽ ماحول دوست حلقا ميدان ۾ نڪري آيا آهن مختلف تنظيمن وڻن جي وڍجڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ٻيلي کاتي جا ذميوار آفيسر قانون ۽ ماحولياتي اصولن جي کليل خلاف ورزي ڪري رهيا آهن سنڌن چوڻ آهي ته وڻ ڪاٽ جو ڏيعو نه پر زندگي جو بنياد آهن ۽ انهن سان هٿ چراند مستقبل جي نسلن سان ناانصافي آهي سماجي ڌرين سنڌ جي صوبائي وزير ٻيلي کاتي کان فوري طور تي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي هنن گهر ڪئي آهي ته وڻن جي وڍجڻ ۾ ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ وڍجندڙ وڻن جو فوري رڪارڊ سامهون آندو وڃي ۽ علائقي ۾ ٻيهر وڻڪاري مهم شروع ڪئي وڃي مقامي شهرين پڻ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن وڻن جي ڪٽائي جو هي سلسلو بند نه ڪيو ويو ته هو احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. هنن مطالبو ڪيو آهي ته حيدرآباد برانچ جي ڪپڻ کي ”گرين بيلٽ“ قرار ڏئي مستقل تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته جيئن ماحولياتي توازن بحال رهي سگهي ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌ اڳ ئي موسمي تبديلي، پاڻي جي کوٽ ۽ آلودگي جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ وڻن جي وڍجڻ تباهي کي وڌيڪ تيز ڪري سگهي ٿي. حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ماحول جي تحفظ لاءِ سنجيده ۽ عملي قدم کنيا وڃن جيئن ايندڙ نسلن کي محفوظ ۽ صحتمند ماحول ملي سگهي

قاسم آباد مان 2 ڏينهن اڳ مبينا اغوا ٿي ويل گل وڪرو ڪندڙ نينگري جو پتو نه پيو

نينگري جي مبينه اغوا کي ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس تحرڪ نه ورتو، وارثن جو احتجاج

ٻه ڏينهن اڳ منهنجي 12 ورهين جي ڀيڻ پوجا کي مبينا طور رڪشي سوار 2 ڄڻا اغوا ڪري ويا: شمع باگڙي

واقعي واري هنڌ تي دڪانن ۽ گهرن تي ڪيمرائون لڳل آهن پر پوليس 2 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به جاچ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد مان 2 ڏينهن اڳ مبينا اغوا ٿي ويل گل وڪرو ڪندڙ نينگري جو پتو نه پيو، پوليس تحرڪ نه ورتو وارثن جو احتجاج. حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد واڌو واهه لڳ مبينا اغوا ٿي ويل گل وڪرو ڪندڙ نينگري جي وارثن شمع باگڙي، نصيبو باگڙي ۽ سيتا باگڙي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته 2 ڏينهن اڳ سنڌن 12 ورهين جي ڀيڻ پوجا کي مبينا طور رڪشي سوار 2 ڄڻا اغوا ڪري ويا آهن. هنن چيو ته موقعي تي ڀيڻ نظر نه اچڻ تي شڪي رڪشي سوارن کان ڀيڻ جو پڇيوسين ته انهن ڪجهه به ٻڌائڻ کانسواءِ هڪ ڀيڻ کي ڌڪو ڏنو ۽ مارڪيٽ ڪري رڪشي سوڌو فرار ٿي ويا جنهن کانپوءِ ڀيڻ جو ڪو به پتو نه پيو آهي. هنن چيو ته حد جي ٿاڻي تي دانهن باوجود پوليس ڪيس ۾ ڪا به اڳڀرائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هنن چيو واقعي واري هنڌ تي دڪانن ۽ گهرن تي ڪيمرائون لڳل آهن پر پوليس 2 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به جاچ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هنن روئيندي چيو ته اسان 7 يتيم ڀينرون آهيون محنت مزدوري ڪري پيٽ گذر سفر ڪنديون آهيون. هنن چيو ته اسان جي ڀيڻ کي زبردستي اغوا ڪيو ويو آهي اعليٰ اختيارين نوٽس وٺي اسان جي ڀيڻ کي بازياب ڪرائن.

سيوهڻ ۾ مهٽي ديرو جي رهواسين جو احتجاج

وڏيرو گلزار پاڳٽ جي ڏر پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: محمود خان

اسان جي گهرن ۾ گهڙي ننگن ۾ هٿ وجهي ناجائزيون ڪن پيا، انصاف ڪيو وڃي

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ۾ مهٽي ديرو جي رهواسين محمود خان سومرو ۽ سنڌس گهرواري ڪرنانو سومرو ۽ ٻين جو پريس ڪلب سيوهڻ پهچي ٻاٺرن ۽ سيوهڻ پوليس مبينا ناجائزين خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته وڏيرو گلزار پاڳٽ جي ڏر پلاٽ تي قبضو ڪري اسان جي گهرن ۾ گهڙي ننگن ۾ هٿ وجهي ناجائزيون ڪن پيا مزاحمت تي تشدد ڪري سيوهڻ پوليس جي مدد سان سخت اڏيون ڏنيون پيون وڃن ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو نوٽيس وٺي.

ڪوٽڙي وارڊ نمبر 9 ۾ 30 سالن کانپوءِ ترقياتي ڪم شروع

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي وارڊ نمبر 9 ۾ 30 سالن کانپوءِ ترقياتي ڪم شروع، رهواسين جي بار بار احتجاجن دانهن رڙين کان پوءِ وارڊ نمبر 9 جي ڪائونسلر مير منصور جيسر پاران ڏلي ڪوشش کان پوءِ رهواسين جا ڏک درد ڊاڪٽر سڪندر شورو تائين پهچايا جتي ڊاڪٽر صاحب عوام جي تڪليفن جو آزالو ڪندي پيور بلاڪ جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو رابطو ڪندي شورا هائوس جو ميڊيا ڪو آرڊينيٽر ذوالفقار جيسر ۽ مير منصور ٻڌايو ته ڊاڪٽر سڪندر شورو هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي هن سڄي ڪوٽڙي ۾ ترقياتي ڄار وڇايو آهي جيڪو عوام کان لڪيل نه آهي سنڌس وڏي مهرباني جو هن وارڊ نمبر 9 جي تڪليفن جو احساس ڪيو ۽ پيور بلاڪن جو ڪم شروع ڪرائي ڏنو اڄان به وارڊ نمبر 9 لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرائڻو آهي

پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن پاران ظفر مسعود چيئرمين چونڊجڻ، 16 رڪني ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي قائم

نئين 16 رڪني ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي چونڊي وئي، ٻه عورت ميمبر ۽ اٺ نوان شامل ٿيندڙ ميمبر بينڪ شامل

نئين جوڙيل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ايسوسيئيشن جي گورننس ۾ هڪ اهم ارتقا جي عڪاسي ڪري ٿي: ظفر مسعود

وڌايل ۽ وڌيڪ متنوع ميمبرشپ، قومي معاشي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ PBAجي صلاحيت کي مضبوط ڪندي

ڪراچي(پ ر) پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن (PBA)نئين 16 رڪني ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي چونڊي ۽ جوڙي آهي، جنهن ۾ ٻه عورت ميمبر ۽ اٺ نوان شامل ٿيندڙ ميمبر بينڪ شامل آهن اهو قدم وڌيڪ شموليت ۽ وسيع صنعتي نمائندگي ڏانهن هڪ اهم حڪمت عملي تبديلي قرار ڏنو پيو وڃي. چونڊن کان پوءِ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي متفقه طور تي بينڪ آف پنجاب جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مسٽر ظفر مسعود کي PBAجو چيئرمين چونڊيو. پنهنجي چونڊ تي تبصرو ڪندي مسٽر ظفر مسعود چيو ته نئين جوڙيل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ايسوسيئيشن جي گورننس ۾ هڪ اهم ارتقا جي عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته وڌايل ۽ وڌيڪ متنوع ميمبرشپ، قومي معاشي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ PBAجي صلاحيت کي مضبوط ڪندي، جنهن ۾ اهم شعبن ۾ قرضن جي ڪوٽ کي گهٽائڻ، ڊجيٽل چينلن وسيلي مالي شموليت کي تيز ڪرڻ ۽ پاڪستان جي پائيدار معاشي بحالي جي حمايت شامل آهي. نئين قيادت واري ٽيم ۾ حبيب بينڪ لميٽيڊ جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مسٽر ناصر سليم کي سينيئر وائيس چيئرمين، جڏهن ته فيصل بينڪ لميٽيڊ جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مسٽر يوسف حسين کي وائيس چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. مسٽر ناصر سليم عالمي معاشي دٻاءُ جي پسمنظر ۾ لچڪ ۽ مضبوط ڪمپلائنس فريم ورڪ جي اهميت تي زور ڏنو جڏهن ته مسٽر يوسف حسين جدت، ٽيڪنالاجي جي اختيار ۽ چستي کي اهم ترجيحون قرار ڏنو ته جيئن بينڪنگ شعبي کي جديد، جدت پسند ۽ علائقائي سطح تي مقابلي لائق بڻائي سگهجي. ان اهم اڳڀرائي تي تبصرو ڪندي PBAجي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ سيڪريٽري جنرل مسٽر منير ڪمال چيو ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي توسيع خاص طور تي عورتن جي تاريخي شموليت، ايسوسيئيشن جي تنوع ۽ جديد گورننس سان وابستگي کي ظاهر ڪري ٿي. نئين قيادت هيٺ PBAجو مقصد آسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان وزارت خزانه ۽ وفاقي حڪومت سان ويجهو تعاون وڌائڻ آهي، ته جيئن انفراسٽرڪچر جي ترقي جي حمايت، زراعت ۽ ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs)لاءِ نجي شعبي جي قرضن ۾ واڌ ۽ ملڪ جي ڊجيٽل تبديلي کي اڳتي وڌائي سگهجي.

ڪراچي: پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن پاران ظفر مسعود چيئرمين چونڊجڻ 16 رڪني ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جو گروپ فوٽو

علمي ادبي شخصيت استاد الهه بخش ڪيريو جي ڇهين ورسي ملهايو

استاد الهه بخش ڪيريو جي ڪيل تعليمي خدمتن تي کيس زبردست خراج پيش

اڄ استاد الهه بخش ڪيريو جهڙن فرض شناس ۽ ايماندار استادن جي ضرورت آهي: مقررين

سکرنڊ (ن ع) علمي ادبي شخصيت استاد الهه بخش ڪيريو جي ڇهين ورسي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ الهه بخش ڪيريو يادگار ڪاميٽي پاران سنڌ ڪلچرل فورم ۽ انڊس پبلڪ سوشل فورم جي سهڪار سان ڪيريا قبيلي جي سردار عبدالستار ڪيريو جي صدارت ۾ منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي سردار وسيم باري ڪيريو صادق لاکو عاجز جمالي غلام نبي ڪيريو،محمد صالح ڪيريو قاضي جاويد احمد سنائي راجا ارشاد علي ڪيريو ۽ ٻين پنهنجي ويچارن ۾ استاد الهه بخش ڪيريو جي ڪيل تعليمي خدمتن تي کيس زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سنڌ کي اڄ استاد الهه بخش ڪيريو جهڙن فرض شناس ۽ ايماندار استادن جي سخت ضرورت آهي ان کان اڳ انڊس جي ضلعي اڳواڻ نثار ڪيريو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ورسي تقريب ۾ سردار عبدالستار ڪيريو جو فرزند عبد الله ڪيريو خالد ڪيريو سوڙو ميربحر محمد بچل ڪيريو سميت ضلعي جي سياسي،سماجي،صحافتي علمي ادبي شخصيتن ۽ راڄ جي نيڪ مردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي نويد جاڙ ڪيريو آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو

سکرنڊ ۾ ادب دوست ڪردارن سان فڪري ويهڪ جو اهتمام

اسان ٻئي پاڻ هڪ ٿي وقت 21 ۽ 22 گريڊ ۾ آفيسر رهياسين: گل محمد رند

مارشلائون ۽ ڊيموسين ته جمهوري ۽ نگران حڪومتون ۽ ڊيموسين ڪئي لاها چاڙها به آيا

سکرنڊ (ن ع) اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري گل محمد رند پاران همدرد هاٿوس سکرنڊ تي ماضيءَ جي فرض شناس آفيسرن، سماج سڌارڪ شخصيتن، تعليمي ماهرن ۽ ادب دوست ڪردارن سان فڪري ويهڪ جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌن مان ۾ شاندار ماڻهوهاندي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو لڳ ڀڳ ٽن ڪلاڪن جي ويهڪ ۾ ماضيءَ جون ساروڻيون ساريون ويون ۽ خاص ڪري ڊيوٽين دوران پيش ايندڙ يادگار واقعا پڻ هڪٻئي سان شيئر ڪيا ويا ڪچهري دوران ميزبان گل محمد رند جي وڏي ڀاءُ اڳوڻي چيف سيڪريٽري ڪي بي رند کي پڻ ياد ڪيو ويو جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ چيف سيڪريٽري رهي چڪو هو فڪري ويهڪ ۾ گل محمد رند ٻڌايو اسان ٻئي پاڻ هڪ ٿي وقت 21 ۽ 22 گريڊ ۾ آفيسر رهياسين چيف سيڪريٽري ۽ فيڊرل سيڪريٽري جيڪو ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هو مارشلائون ۽ ڊيموسين ته جمهوري ۽ نگران حڪومتون ۽ ڊيموسين ڪئي لاها چاڙها به آيا ته آزمائشون به آيون پر الحمد الله مڙس ٿي منهن ڏنوسين هن وڌيڪ چيو ته ڪرپشن ۽ ٻه نمبري اسان جي ڊڪشنري ۾ ئي نه رهي آهي جنهن جو سبب والدين پاران ڏنل تعليم ۽ تربيت هو ڪچهري ۾ سمورن شعوري شخصيتن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته ڪرپشن رشوت ۽ ميرٽ جي لتاڙ گذريل 15 سالن کان شروع ٿي آهي جنهن سان سنڌ کي ۽ سنڌ جي ٽيلينٽ کي وڏو نقصان پهتو آهي جڏهن ته اسان جي دور ۾ ايئن نه هو هنن اهو پڻ چيو ته انهن حرڪتن سبب ڪئي قابل نوجوان ملڪ کان ٻاهر وڃي چڪا آهن ۽ ڪئي وڃڻ جي تيارين ۾ آهن جيڪا اسين سمجهون ٿا ته حڪمرانن ۽ آفيسرن جي غلط پاليسين سبب ملڪ جو شعور ٻاهر وڃي رهيو آهي جيڪا بد قسمتي چئي سگهجي ٿي ڪچهري دوران اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري گل محمد رند آيل مهمانن جو شڪريو پڻ ادا ڪيو جڏهن ته مهمانن ٻڌايو ته ڪچهريون ۽ آجياڻا زندگي جو معمول آهن.

سکرنڊ: اسان ٻئي پاڻ هڪ ٿي وقت 21 ۽ 22 گريڊ ۾ آفيسر رهياسين

بينظير زنده هجي ها ته پاڪستان دنيا ۾ سڀ کان اڳيان هجي ها: رضيه سلطانه

محترمه بينظير ڀٽو ڪرپشن ۽ دهشتگردي کان پاڪ پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪئي

27 ڊسمبر هڪ اهڙو ڏينهن آهي جيڪو اڄ به دل کي ڏکوئي ٿو: عبرت سان ڳالهيون

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي مشهور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ اينڪر قانوندان ڊاڪٽر رضيه سلطانه عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن اوير جي ڌيءَ عالمي معيار جي قومي هيرو ۽ پهرين اسلامي رياست جي وزيراعظم شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو اڄ زنده هجي ها ته پاڪستان دنيا ۾ سڀ کان اڳيان هجي ها. محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان ۾ ڪرپشن ۽ دهشتگردي کان پاڪ پاڪستان جي خوابن جي منصوبي سان مشهور ٿي هئي، جنهن کي اسلام ۽ ملڪ جي دشمنن شهيد ڪيو جن جي گذريل صديءَ جي دلدل ۾ پاڪستان کي ڌڪڻ قومي خزاني کي ديمڪ وانگر چاٽڻ ۽ پاڪستاني قوم کي فقير بڻائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي جڏهن ته ڊاڪٽر رضيه سلطانه خيرپور ميرس جي سينئر صحافي ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ ۽ خيرپور يونين آف جرنلسٽس جي باني صوفي محمد اسحاق سومرو سان هڪ خاص ملاقات دوران هن چيو ته 27 ڊسمبر هڪ اهڙو ڏينهن آهي جيڪو اڄ به دل کي ڏکوئي ٿو محترمه بينظير ڀٽو صرف هڪ سياسي اڳواڻ نه هئي هوءَ همت، همت ۽ قرباني جي علامت هئي گولين ۽ نفرت جي چانڊ ۾ به هوءَ ماڻهن جي وچ ۾ بيٺي هئي چاڪاڻ ته هوءَ پنهنجي قوم سان پيار ڪندي هئي سنڌس شهادت صرف هڪ انسان کي نه کسيو پر پاڪستان جي جمهوري خواب کي رت ۾ رڱائي ڇڏيو اڄ به جڏهن تاريخ جا صفحا اٿلا وڃن ٿا، تڏهن به سوال زنده آهي: ڪنهن جي غلطي هئي؟ ۽ سچ کي ڇو دفن ڪيو ويو؟ بينظير ڀٽو مري نه ٿي سگهي، هوءَ اڄ به ظلم جي خلاف اٿندڙ هر آواز ۾ زنده آهي

سيوهڻ: محترمه بينظير ڀٽو ڪرپشن ۽ دهشتگردي کان پاڪ پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪئي

هيڊ ماسترن کي ڊي ڊي اوز جا اختيار ڏنا پيا وڃن: جمن مهراڻي

پرائمري اسڪولن جي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ هيڊ ماسترن کي بجيٽ ملندي

هيڊ ماستر ان بجيٽ سان اسڪولن جون ضرورتون هيڊ ماستر پوريون ڪري سگهندا

خيرپور (ڊ ر) سنڌ جي صوبائي وزيرتعليم سيد سردارعلي شاهه پاران گورنمنٽ جي نگراني ۾ هلندڙ پرائمري اسڪولن جي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ پهريون ڀيرو اربين روپيا سڌي رقم جاري ڪري هيڊ ماسترن کي ڊي.ڊي.اوز جا اختيار ڏنا پيا وڃن.جنهن سان اسڪولن جون ضرورتون هيڊ ماستر پوريون ڪري سگهندا.اهڙن خيالن جو اظهار ڪي.اي.او پرائمري ڪوٽڏجي محمد جمن مهراڻي يو.سي ٽاليروڊا ۽ نصيرفقير جلالاڻي جي هيڊ ماسترن کي ٽريننگ سيشن دوران هيڊ ماسترن کي خطاب ڪندي ڪيو.ان موقعي تي هن چيو سرڪاري اسڪول مسئلن جي ورچڙهيل آهن.فرنيچر،عمارتن جي زبون هجڻ،چوديواري،واشروم جهڙين سهولتن جو پورائو ڪري سگهون.پرائمري اسڪولن جي انچارجن کي سڌي بجيٽ ملڻ جابهتر نتيجا نڪرندا.هيڊ ماسترن کي به گهرجي ته اهي ملندڙ رقم جو درست استعمال ڪري پنهنجي ضرورت وارين شين جي ڪوٽ پوري ڪري سگهن ٿا.ماستر ٽرينر استاد محمد اشرف تمراڻي شان ڪلهوڙو هيڊ ماسترن کي بجيٽ جي استعمال ۽ خرچ ڪرڻ بابت تفصيلي طور آگاهي ڏني.

اتر سنڌ ۾ عورتن تي ٿيندڙ تشدد جا واقعا وڌي رهيا آهن: عابده سيلرو

عورتن تي ٿيندڙ تشدد تي خاموش نه ٿا رهي سگهون، صورتحال تي ڳڻتي آهي

هي سماج مرداڻو آهي، جتي عورتن سان هر پل ۾ تشدد ۽ نا انصافي جا واقعا ٿين ٿا

شهدادڪوٽ(ڊ ر) عورتن جي حقن توڙي سنڌن فلاح ۽ بهبود لاءِ جاکوڙيندڙ سماج سڌارڪ اڳواڻ ۽ انسان همدرد ويلفيئر فورم جي چيئرمين ميڊم عابده سيلرو چيو آهي ته اتر سنڌ ۾ عورتن تي ٿيندڙ تشدد جا واقعا وڌي رهيا آهن جنهن تي ڳڻتي آهي پر عورتن تي ٿيندڙ تشدد تي خاموش نه ٿا رهي سگهون پنهنجي آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي عورت سماج سڌارڪ اڳواڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته هي سماج مرداڻو آهي جتي عورتن سان هر پل ۾ تشدد نا انصافي جا واقعا ٿين ٿا اهي زيادتيون سهڻ باوجود عورت خاموش آهي اسين خاموش نه ٿا رهي سگهون هاڻي عورت تي ٿيندڙ ظلم زيادتي تشدد تي آواز اٿاريندا سين

سڄي ملڪ ۾ دل جي بيمارين جو ريشو وڌي رهيو آهي: مخدوم سعيد الزمان

دل جو مرض خاص طور تي مٽياري ۾ ڏينهون ڏينهن خطرناڪ حد تائين پهچي رهيو آهي

سول سوسائٽي آف سنڌ پاران اين آءِ سي وي ڊي جي قيام بابت ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن

ڄامشورو/هالا(پ ر) سروري تنظيم جي باني ۽ سروري سرهاڻ تنظيم جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ سنڌ ۾ دل جي بيمارين ۾ واڌ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ دل جي بيمارين جو ريشو وڌي رهيو آهي، خاص طور تي ضلعي مٽياري ۾، ڏينهون ڏينهن خطرناڪ حد تائين پهچي رهيو آهي جيڪو انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. هن چيو ته اهڙي صورتحال ۾ سول سوسائٽي آف سنڌ پاران هالا شهر ۾ اين آءِ سي وي ڊي (نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز) جي فوري قيام بابت ڪيل سروي ۽ جاري ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن جن کي ”سروري سرهاڻ“ مٽياري جو مرڪزي شهر پڻ آهي جيڪڏهن هالا ۾ اين آءِ سي وي ڊي قائم ڪيو وڃي ٿو ته ان مان هالا تعلقي سعيدآباد تعلقي شهدادپور مٽياري سميت ڀرپاسي جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن جا رهواسي سڌي طرح فائدو حاصل ڪري سگهندا. هن جو چوڻ هو ته اين آءِ سي وي ڊي جو قيام هزارين قيمتي انساني زندگيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ايمرجنسي حالتن ۾ وقت جي ضايع ٿيڻ کان بچاءُ ممڪن ٿيندو ۽ غريب توڙي وچولي طبقي جي ماڻهن کي پنهنجي ئي علائقي اندر معياري ۽ جديد دل جي علاج جون سهولتون ميسر اينديون. سنڌ سرڪار صحت کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو ته هالا ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي قيام جي فوري منظوري ڏئي عملي

مسڻ لڳ ڳوٺ رئيس حاجي علڻ خان لغاري ۾ چار پورهيتن جي گهرن کي باهه

باهه لڳڻ سبب ٻن نياڻين جي ڏاج سميت ٻه مينهون، ٻه ٻڪريون سڙي مري ويون

باهه متاثر سخت سردي ۾ سڄي رات کليل آسمان هيٺ ويٺل رهيا، ڪنهن سار نه لڌي

مسڻ وڏي(ن ع) مسڻ وڏي پرسان يوسي لائيڊي جي ڳوٺ رئيس حاجي علڻ خان لغاري ۾ چار پورهيتن جي گهرن کي باهه لڳڻ سبب نياڻين جي ڏاج ۽ چوپائي مال سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت محمد سومار سولنگي جان محمد سولنگي، رفيق احمد سولنگي ۽ محمد سليم سولنگي جي گهرن کي پراسرار نموني باهه لڳي وئي اهڙي اطلاع تي سولنگي برادري سميت مختلف برادرين جا گهڻن کي لڳل باهه وسائڻ لاءِ پهچي ويا باهه ڳوٺاڻن جي ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري وئي گهرن کي وڪوڙي وئي باهه لڳڻ سبب چوپائي مال ۽ نياڻين جي ڏاج سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو ڳوٺ رئيس حاجي علڻ خان لغاري جي سولنگي برادري جي گهرن کي لڳل باهه سبب ٻه مينهون ٻه ٻڪريون سڙي مري ويون جڏهن ته ڪي مينهون شديد زخمي ٿي پيون ان سان گڏ ڏاڻو پرڇي آيل ٻن نياڻين جي ڏاج سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو باهه متاثر سخت سردي ۾ سڄي رات کليل آسمان هيٺ ويٺل رهيا آسمان هيٺ مزدور طبقي سان تعلق رکندڙ آهيون باهه بابت ڪا خبر ناهي ته ڪٿان لڳي ڇلهه مان اٿيل چڻنگ مان لڳي يا ٻيو ڪو سبب هوندو ان بابت خبر ناهي باقي نقصان وڏو ٿيو آهي چوپائي مال نياڻين جي ڏاج سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو لڳ ڀڳ 25 لک رپين جي ماليت جو نقصان ٿيو آهي اسان ايم پي اي امداد پتافي، ايم اين اي ذوالفقار ستار بچاڻي ،ضلعي ڪائونسل ٽنڊوالهيار جي چيئرمين مير سهيل ٽالپر ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري ۽ ٻين واسطيدار اختيارين کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون جلد کان جلد اسان جي واهر ڪئي وڃي.

ٽنڊو دمبالو ۾ ڳوٺ موسو پرڳڙي ايٽ عطا محمد پرڳڙي واسي جو احتجاج

عطا محمد پرڳڙي ۽ ان جا پٽ روز ڌمڪيون ڏين ٿا، چون ٿا پلاٽ خالي ڪريو: يونس

اسان جي گهر جي ڇت ڪيرائي ڇڏي آهي، سخت سيءُ ۾ اسان کلي آسمان هيٺ ويٺل آهيون

ٽنڊو دمبالو(ن ع) ٽنڊو دمبالو ۾ ڳوٺ موسو پرڳڙي ايٽ عطا محمد پرڳڙي ۾ وڏي ڀاءُ جو پٽ سان گڏ ننڍي جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي محمد يونس پرڳڙي ۽ پٽ معشوق پرڳڙي ٻڌايو ته ڪافي ڏينهن کان اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي عطا محمد پرڳڙي ۽ ان جا پٽ روز ڌمڪيون ڏين ٿا اسان کي چوي ٿا هن سخت ۾ منهنجو پلاٽ خالي ڪري ڏيو جڏهن اسان جا پڪا گهر ٺهيل آهن اڄ جي حساب سان ويهه لک کان مٿي خرچ ٿيل آهي پوءِ ڳوٺ جي چڱن فيصلو ڪيو ته اوهان کي سٺ لک ڏيندو ۽ اوهان پلاٽ ڪجهه ٽائيم ۾ خالي ڪري ڏيندا پر هي چڱن جو فيصلو نٿو مڃي جڏهن هن پلاٽ جي بدلي پنهنجي ذاتي زمين مان به پلاٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر هي ڪنهن ڳالهه تي نٿو اچي هن سخت سيءُ ۾ اسان کلي آسمان هيٺ ويٺل آهيون اسان جي گهر جي ڇت ڪيرائي ڇڏي آهي هاڻ اسان کي فيصلي مطابق پيسا ڏي ته اسان پنهنجي زمين ۾ گهر ٺاهيون اسان اپيل ٿا ڪيون اعليٰ ادارن کان ته اسان کي انصاف ڏنو وڃي اسان جا ٻچا هن سخت سيءُ ۾ کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن

ٽنڊو دمبالو: ڳوٺ موسو پرڳڙي ايٽ عطا محمد پرڳڙي واسي جو احتجاج ڪندي

سينارجا اسپتال اپ گريڊ نه ٿي سگهي، رهواسي سهولتن کان محروم

چونڊيل نمائيندن واعدن باوجود اسپتال کي رورل هيلٿ جو درجو نه ڏياريو

هزارين رهواسي ايمرجنسي ۽ رات جي وقت صحت جي سهولتن کان محروم

ٺري ميرواهه(ن ع) سينارجا اسپتال اپ گريڊ نه ٿي سگهي، رهواسي جديد دور ۾ به صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم چونڊيل نمائيندن پاران واعدن باوجود اسپتال کي رورل هيلٿ جو درجو نه ڏياريو جنهن سبب هزارين رهواسي ايمرجنسي ۽ رات جي وقت صحت جي سهولتن کان محروم آهن شهرين جو چوڻ آهي ته سينارجا بي ايڇ يو اسپتال 80 هزار جي لڳ ڀڳ آباديءَ رکندڙ سينارجا شهر ۾ واحد بنيادي صحت مرڪز آهي جنهن کي اپ گريڊ رورل هيلٿ جو درجو نه ملڻ ڪري جديد ڊائگنوسٽڪ مشينون، ڊاڪٽرن جون سهولتون ۽ ايمرجنسي وارڊ رات يعني 24 ڪلاڪ صحت جي سهولت هن بي ايڇ يو ۾ موجود ناهن عام توڙي وڏين بيمارين جي علاج لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو پئي ٿو جڏهن ته ايمرجنسي ۾ بيمار مريضن کي طبي امداد به نٿي ملي جنهن ڪري سنڌن زندگي خطري ۽ موت جي منهن ۾ هلي وڃي ٿي. رهواسي ٻڌائن ٿا ته اسپتال ۾ اڄ به او پي ڊي ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ، ليبارٽري ٽيسٽن جي سهولت جي گهٽتائي آهي جنهن سبب مريضن کي پرائيويٽ ڪلينڪس ڏانهن وڃڻو پوي ٿو يا وڏي شهرن ۾ علاج لاءِ وڃڻو پوي ٿو ٽائون ڪاميٽي سينارجا جي اڳوڻي ڪائونسلر ۽ باني پريس ڪلب سينارجا گلاب علي سهتو هڪ مهينو اڳ پ پ اير پي اي رئيس ساجد علي خان ٻانڀڻ سينارجا جي دوري دوران سينارجا اسپتال جي اپ گريڊ جي درخواست ڏني هئي پر اڃان تائين اسپتال جي اپ گريڊ لاءِ ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي جنهن ڪري هتان جا رهواسي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن اڳوڻي ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي سينارجا گلاب علي سهتو سنڌ حڪومت صوبائي وزير صحت سيڪريٽري صحت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته سينارجا اسپتال کي فوري طور تي اپگريڊ ڪري، جديد طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن غريب رات جي وقت ۽ ايمرجنسي ۾ پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ علاج ڪرائي پنهنجي زندگي بچائي سگهن

حيدرآباد ۾ ملاح اتحاد جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

حسين ملاح قتل ڪيس ۾ مک جوابدار جو نالو ڪيس ۾ داخل نه ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

مک جوابدار شير شاهه جو نالو ڪيس ۾ داخل ڪرڻ حراسان ڪيو پيو وڃي: منصور ملاح

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ٽنڊومحمد خان جي شهر ملاڪاتيار ۾ مهينو اڳ مبينا قتل ٿي ويل حسين ملاح قتل ڪيس ۾ مک جوابدار جو نالو ڪيس ۾ داخل نه ڪرڻ خلاف ملاح اتحاد جي سڏ تي مقتول جي پي جمن ملاح، منصور ملاح، انور ملاح، برادي ملاح، ميرمحمد ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته مهينو گذرڻ باوجود ملاڪاتيار پوليس حسين ملاح قتل ڪيس ۾ مک جوابدار يوسي چيئرمين جو نالو شامل ڪرڻ بدران ڪٺو جواب ڏئي ڇڏيو آهي جڏهن ته پوليس پهرين ڏينهن کان مک جوابدار يوسي چيئرمين شير شاهه جو نالو شامل ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائيندي رهي جڏهن ته هاڻ مک جوابدار شير شاهه جو نالو ڪيس ۾ داخل ڪرڻ بدران ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ حراسان ڪري رهي آهي. هنن چيو ته مک جوابدار يوسي چيئرمين کي پ پ جي چونڊيل نمائيندن جي پٺڀرائي حاصل آهي. هنن چيو ته حسين ملاح جو قتل مک جوابدار يوسي چيئرمين شير شاهه جي چرچ تي ٿيو آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ سوڌو وس وارن کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽس وٺي حسين ملاح قتل ڪيس ۾ مک جوابدار شيرشاهه جو نالو شامل ڪري فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

پٽ شاهه جي واپاري ديوان ايشور داس جو شرپسندن خلاف احتجاج

شرپسند مونکي ۽ منهنجي فيملي کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن: ايشور داس

چيلومل جا قرضدار مون کي مسلسل حراسان ڪري مختلف طريقن سان ڌمڪائي رهيا آهن

پٽ شاهه(ن ع) پٽ شاهه جي واپاري ديوان ايشور داس پٽ شاهه پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه شرپسند ماڻهون مونکي ۽ منهنجي فيملي کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن.جنهن لاءِ مونکي تحفظ ڏيئي منهنجي قانوني مدد ڪئي وڃي.ديوان ايشور داس چيو آهي ته اسان جي ديوان برادري جو چيلومل اٿي جي مل جو ڪاروبار ڪري رهيو هو جڏهن ته ڪاروبار مان نقصان ٿيڻ بعد هو قرضدارن کان بچڻ لاءِ لڪي ويو آهي ۽ هاڻي چيلومل جا قرضدار مون کي مسلسل حراسان ڪري مختلف طريقن سان ڌمڪائي رهيا آهن.مون کي ۽ منهنجي فيملي کي مذڪوره ماڻهن مان جان جو خطرو آهي.هن چيو ته چيلومل سان منهنجو برادري کان علاوه ڪاروبار وغيره ۾ ڪو به واسطو نه آهي پر ڪجهه شرپسند ماڻهون مونکي چيلومل جي مسئلي ۾ زبردستي ملوث ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پنهنجا ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته کيس ڌمڪيون ڏيندڙ مذڪوره ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سنڌس قانوني مدد سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

خيرپور ۾ ڳوٺ راضل ناريجو جي رهواسڻ جو احتجاج

بااثر وڏيري پٽ راجا ناريجو کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي: عجيبان

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ضلعي جي گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ راضل ناريجو جي رهواسڻ مسمات عجيبان زال گل حسن ناريجو پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت پاڪ ڪتاب کڻي بااثرن جي زيادتين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مسمات عجيبان ناريجو احتجاج ڪندي چيو آهي ته بااثر وڏيري تاج محمد ناريجو جي پٽن غلام فريد، اعظم، عابد ۽ احسان ناريجو بنا جواز گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي گهر پاتين معان تشدد ڪرڻ بعد يرغمال بڻائي نوجوان پٽ راجا ناريجو کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته بااثر وڏيرو گهر ۽ زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو هنن جي چرچ تي منهنجو مڙس گل حسن ناريجو 3 سالن کان جيل ۾ قيد آهي. هن چيو ته بهارو پوليس به وڏيري ۽ سنڌس حمايتين سان ٺهيل آهي بااثرن خلاف ڏانهن ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي نه ئي ڪو ايڪشن ٿي ڪئي مجبور عورت معصوم ٻارڙن سان گڏ دربدر آهيان هن ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور منهنجي نوجوان پٽ کي آزاد ڪرائي بااثرن کي گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس ٻارڙن سميت پاڻ ساڙينديس.

سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جو مهراڻ يونيورسٽي ڪيمپس خيرپور جو دورو

ڪيمپس جي تعليمي، انتظامي ۽ مالي معاملن بابت سيڪريٽري کي تفصيلي بريفنگ

سنڌ حڪومت ڏانهن موڪليل مختلف ترقياتي ۽ بحالي منصوبن (PC-1s) بابت پڻ آگاهي

خيرپور (ڊ ر) سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جو مهراڻ يونيورسٽي (MUET) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس خيرپور جو دورو. تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز محمد عباس بلوچ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (MUET)جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس خيرپور جو اهم دورو ڪيو. ڪيمپس پهچڻ تي معزز سيڪريٽري جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پاران گرمجوشي سان آڌرڀاءُ ڪيو ويو. ان موقعي تي سيڪريٽري کي ڪيمپس جي تعليمي آگاهي ڏني وئي.پرو وائيس چانسلر 2022ع جي برساتن سبب ڪيمپس کي پهتل نقصان بابت خاص طور تي آگاهه ڪندي بحالي ڪمن لاءِ فنڊز جي فراهمي جي اپيل ڪئي. دوري دوران سيڪريٽري صاحب ڪيمپس جي مختلف سهولتن جو معائنو پڻ ڪيو جن ۾ تعليمي شعبا، لائبريري، آڊيٽوريم ۽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا هاسٽل شامل هئا. هن موقعي تي 2022ع جي شديد برساتن سبب ٿيل نقصان بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. معزز سيڪريٽري صاحب ڪيمپس جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائڻ

سيوهڻ ۾ مهٽي ديرو جي رهواسين جو احتجاج

وڏيرو گلزار پاڳٽ جي ڏر پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: محمود خان

اسان جي گهرن ۾ گهڙي ننگن ۾ هٿ وجهي ناجائزيون ڪن پيا، انصاف ڪيو وڃي

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ۾ مهٽي ديرو جي رهواسين محمود خان سومرو ۽ سنڌس ... ڏر پلاٽ تي قبضو ڪري اسان جي گهرن ۾ گهڙي ننگن ۾ هٿ وجهي ناجائزيون ڪن ...

سيوهڻ تعلقي مان امن جو پڪي اڏامي ويو

راڻي پور رورل هيلٿ سينٽر جي عمارت ۽ مسجد مان چوري

ڊاڪٽر عبدالفتاح نامعلوم چور کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو: ذريعا

سيوهڻ(ن ع) تعلقي سيوهڻ جي شهر راڻيپور سميت سڄي خيرپور ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي ڌوهاري عنصر ڏينهن جي روشني ۾ غير مسلح ... مسجد مان 6 پنکا ۽ هڪ بجلي جي ڪيبلي چوري ڪري ورتي اسپتال جي ذريعن موجب ڊاڪٽر عبدالفتاح نامعلوم چور کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڪٽي ڪاٽو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 30 ڊسمبر 2025ع

پڄاڻيءَ تي پهچندڙ سال ۽ مهانگائي!

مهانگائي هن ملڪ لاءِ هاڻي رڳو معاشي اصطلاح نه رهي آهي، بلڪ اها عام ماڻهوءَ جي روزاني زندگيءَ جو تلخ ترين تجربو بڻجي چڪي آهي. سرڪاري انگ اکر جڏهن پاڻ ڳالهائڻ لڳن، تڏهن حقيقت کي لڪائڻ ممڪن نٿو رهي. شماريات جي تازي رپورٽ ان ڳالهه جي چٽي شاهدي ڏئي ٿي ته گذريل هڪ سال دوران بنيادي خوراڪ جون شيون، خاص طور تي ڪڻڪ ۽ اٽو عام ماڻهوءَ جي پهچ کان اڳتي نڪري ويا آهن. سوال اهو ناهي ته مهانگائي وڌي آهي، سوال اهو آهي ته "ڇا رياست کي ان واڌ جو احساس به آهي؟" رپورٽ موجب، هڪ سال دوران ڪڻڪ جي قيمت ۾ 16.32 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. هڪ سال اڳ ڪڻڪ جي سراسري قيمت في ڪلو 137 رپيا 33 پيسا هئي، جيڪا هاڻي وڌي 159 رپيا 74 پيسا ٿي چڪي آهي، جڏهن ته سال 2025 دوران ڪڻڪ جي وڌ ۾ وڌ قيمت 229 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي. هي انگ اکر صرف عدد نه آهن، پر انهن انگن پٺيان لکين گهرن جي بيچيني، بي وسي ۽ بک لڪل آهي. ڪڻڪ جيڪا ڪنهن زماني ۾ هر گهر جي ضرورت هئي، اڄ اهو سوال بڻجي وئي آهي ته ڇا مناڻ به هاڻي اميرن جي عياشي ٿيندي؟ ساڳي صورتحال اٽي جي به آهي، جيڪو هن ملڪ جي غريب ۽ وچولي طبقي جي بنيادي خوراڪ آهي. اداره شماريات مطابق، هڪ سال اڳ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1794 رپيا 93 پيسا هو جيڪو 2025 جي آخر تائين وڌي 2199 رپيا 85 پيسا ٿي ويو آهي، يعني هڪ سال ۾ اٽي جي قيمت ۾ 22.56 سيڪڙو واڌ. هيءَ واڌ ڪنهن لگزري شيءِ ۾ ناهي، بلڪ ان خوراڪ ۾ آهي، جنهن کان سواءِ زندگيءَ جو تصور به ممڪن ناهي. سوال اهو آهي ته "جڏهن اٽو مهانگو ٿي وڃي ته غريب ڇا کائيندو؟"

حڪومت هر ڀيري عالمي منڊي، آءِ ايم ايف يا گذريل حڪومتن تي الزام رکي پاڻ کي آجو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر حقيقت اها آهي ته مهانگائيءَ جو بار سدائين عام ماڻهوءَ تي ئي وڌو ويو آهي. اجرتون ساڳيون، پگهارون ساڳيون، پر قيمتون هر مهيني نيون حدون ٽوڙين ٿيون. ڇا مزدورن، پورهيتن ۽ گهٽ آمدني وارن لاءِ ڪا الڳ معيشت آهي؟ يا اهي رڳو انگ اکرن ۾ ئي زنده آهن؟ رپورٽ موجب زنده برائلر ڪڪڙ جي قيمت ۾ به واڌ آئي آهي. هڪ سال اڳ ڪڪڙ جي في ڪلو قيمت 409 رپيا 22 پيسا هئي، جيڪا هاڻي 424 رپيا 89 پيسا ٿي وئي آهي. شايد ڪنهن لاءِ هيءَ واڌ معمولي هجي پر جنهن گهر ۾ مهيني جي آمدني محدود هجي، اتي گوشت اڳ ئي عيش بڻجي چڪو آهي. پروٽين جي کوٽ، غذائي گهٽتائي ۽ صحت جا مسئلا به اهڙي مهانگائيءَ جا سڌا نتيجا آهن جن تي ڪو به سنجيدگيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي.

هي سوال به اهم آهي ته جڏهن ملڪ زرعي ملڪ سڏائي ٿو تڏهن ڪڻڪ، اٽو ۽ خوراڪ ڇو مهانگي آهي؟ ڇا پيداوار گهٽ آهي؟ يا مسئلو ذخيرو اندوزي، ناجائز منافعي خوري ۽ ڪمزور نگراني آهي؟ حقيقت اها آهي ته مهانگائي هڪ قدرتي آفت نه، بلڪ هڪ "انتظامي ناڪامي" آهي. جڏهن حڪومت وقت سر مارڪيٽ کي ڪنٽرول نٿي ڪري، جڏهن ذخيرو ڪندڙن کي کليل ڇوٽ ملي ٿي، تڏهن قيمتون پاڻمرادو نه پر منصوبه بندي سان وڌن ٿيون.

رياست جو فرض رڳو رپورٽون جاري ڪرڻ ناهي. پر انهن رپورٽن جي بنياد تي پاليسيون ٺاهڻ آهي. مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ رڳو بيان ڪافي ناهن پر سخت فيصلا، شفاف نظام ۽ عوام دوست سوچ جي ضرورت آهي. سبسڊي، ٽارگيٽيڊ رليف ۽ مارڪيٽ جي موثر نگرانيءَ کان سواءِ هي بحران ختم نه ٿيندو. جيڪڏهن اٽو ۽ ڪڻڪ جهڙيون شيون به عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر ٿينديون وڃن ته پوءِ مهانگائي صرف معاشي مسئلو نه رهندي، بلڪ سماجي بيچيني، احتجاج ۽ عدم استحڪام جو سبب بڻجندي. رياست کي اڄ ئي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڇا هوءَ مهانگائيءَ تي انتظار نٿي ڪري. اها ئي ڏينهن غريب جي ٿاليءَ مان ڪجهه نه ڪجهه گهٽائيندي رهي آهي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سگهن سَڌ نه سُورَ جي، گهايَل ڪيئن گهارِين،
پِيَل پاسو پَٽَ تان، واڍوڙ نه وارِين،
پَر ۾ پَڇُن پرينءَ لَئي، هئي! هنجُون هارِين،
سَڄَڻُ جي سارِين، تن رويو وِهامي راتڙي.
(سُر يمن ڪلياڻ)

قبائلي فسادن کي روڪڻ ۾ حڪومت ڇو ناڪام آهي؟


منظور ڪوسو

ماڻهو ته آهن پر انهن ۾ ماڻهپو نه رهيو آهي، جڏهن ماڻهو ۾ ماڻهپو نه رهي ته هو حيوان کان به بدتر ٿي پوي ٿو. [illegible] مخصوص سياسي مفادن جي ڪري انهن وچ ۾ خونخوار نفرتون ۽ دشمنيون به پيدا ڪيون ويون آهن. [illegible] قرآن پاڪ جي سورة الحجرات آيت نمبر 13 ۾ الله تعاليٰ حڪم فرمائي ٿو ته "اي ماڻهو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان جون قومون ۽ قبيلا بڻايا ته جيئن توهان هڪٻئي کي سڃاڻو." [illegible]

[illegible]

ڊائريءَ ۾ سمايل يادن جو سرمايو!

مير اعظم علي ٽالپر

هن وقت راقم پوري يقين سان نه ٿو چئي سگهي ته ڊائري لکڻ جو شوق نما وائرس زندگيءَ ۾ ڪڏهن شامل ٿيو هو؟ البته اڄ کان تمام اڳاٽو شايد 55 سال کن اڳ جيڪو ڪجهه 24 ڪلاڪن دوران واقعو يا ڪا ڳالهه خاص پاڙي يا شهر ۾ ٿيندي هئي ته اُن کي عام ڪاپي بُڪ اسٽائيل واري نوٽ بُڪ تي انڊيپن سان لکڻ جي عادت پئجي وئي هئي (اُن زماني ۾ بال پين ملڪ ۾ نه آئي هئي يا گهٽ ۾ گهٽ راقم وٽ نه هئي، البته ايگل واري انڊ پين ميدان ۾ آئي هئي) جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ خاص واقعو يا ڳالهه لکڻ صرف لکڻ تائين هو سو به چئوچڻ جيڪو حقيقت ۾ 1969ع دوران ون يونٽ خلاف ٻُڪ هڙتال ڪرڻ ۽ جيل ۾ وڃڻ ڪانئوءِ لکڻ جو خاص سبب بڻجي ويو هو اهڙي قسم جون لکيون پاڙي ۾ سڀ کان پهرين راقم پنهنجي نانا جي گهر ۾ ماما مير حسن ٽالپر جي هٿ اکرن جون ڏٺيون، جيڪي تقريبن پاڙي ۽ خاندان ۾ ٻار ڄمڻ (جيئن خود راقم جي پيدائش واري تاريخ 18 اپريل، آچر ڏينهن، فجر وقت، 1954ع اڄ به لکيل آهي) شادي، ڪنهن چوڪري جي سنت طهر فوتگي ٿيڻ ۽ ڪنهن ٻار جي چٽي ٿيڻ جو به حال احوال لکڻ سندس شوق ۾ هو البته اها خبر نه آهي ته ماما مرحوم مير حسن کي اهو شوق ڪيئن پيدا ٿيو پر اصل ۾ اڪر 'ڊائري' لکيل ڊائري راقم سڀ کان اول پنهنجي برادر قربان علي ٽالپروٽ 1962ع ۾ ڏٺي، اُن ڪانئوءِ هر سال نئين ڊائري سندس ڪتابن ۾ هوندي هئي، اُن وقت هو اديب، عالم ۽ فاضل اورينٽ ڪاليج ۾ پڙهي رهيو هو. جنهن جو پرنسپال مخدوم امير احمد خان هو، اُن ڪانسواءِ پاڙي ۾ هڪ عزيز حسين بخش ٽالپروٽ به ڊائري هوندي هئي، اڄڪلهه نئون زمانو ۽ جديد دور اچڻ ڪانئوءِ ڪيترين ئي پراڻيون روايتون ختم ٿي ويون آهن يا آخري پساهن ۾ آهن. جڏهن پراڻي وقت ۾ انهن جو خاص خيال رکيو ويندو هو، انهن جي وڏي اهميت هوندي هئي پر هاڻ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هنن جي به اهميت ۽ حيثيت ماضيءَ جو هڪ داستان بڻجي ڪنهن پراڻي ڊائري ۾ لکجي ويو آهي، جو نه اڳاٽي وقتن جا ڪيترائي سلسلا پنهنجي پڄاڻي تي پهچي چُڪا آهن ۽ باقي چند بچي ويل آهستي آهستي ساهه کڻي رهيا آهن، انهن ۾ هڪ ڪم روزانه جي بنياد تي هوندو هو ڊائري لکڻ، سو به ختم ٿي رهيو آهي.

راقم پنهنجي زندگي جي پهرين ڊائري 1970ع کان لکڻ شروع ڪئي هئي ۽ اُن بعد هر سال ڊسمبر اچڻ کان اڳ ئي نئين سال جي نئين ڊائري خريد ڪرڻ جي عادت پئجي وئي، ڊائري وٺڻ ۽ لکڻ لاءِ جڏهن سلسلو شروع ڪيو هو ته ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌي، اردو، انگريزي ۾ ڊائريون بازار ۾ هونديون هيون، سنڌي ۾ شاهه لطيف ڊائري ڇوٽي گهٽي حيدرآباد مان يادگار وارا ڪيڊندا هئا ۽ ڪراچي مان به هڪ سنڌي ڊائري نڪرندي هئي، پر 1980ع کانپوءِ سنڌي واريون ڊائريون ٽيڪس ۽ ڪاغذ جي مهانگائي سبب نه بند ٿي ويون، پر ڪراچي مان به ڊائريون ڇپجڻ ختم ٿي ويون ۽ هاڻ ڪجهه ڊائريون رڳو لاهور مان نڪرن ٿيون، راقم جي تاحال 2025ع جي ڊائري سميت لکيل ڊائرين جو تعداد تقريبن 50 کان مٿي آهي، پر بدقسمتي سان ڪجهه ضايع ٿي ويون آهن ۽ اڪثريت ۾ محفوظ آهن. پر هر سال واري ڊائري کولي ۽ اُن مان ڪجهه يادگيريون هتي لکڻ في الحال وس کان ٻاهر آهن. ڊائري جي سلسلي ۾ ناليواري ليکڪ ۽ زرعي ماهر سائين مٺل جسڪاڻي هڪ سوال جي جواب ۾ هڪ زبردست تجويز ڏني ته هر سال ڊائري لکڻ ۽ قلمبند ڪرڻ بهترين عمل آهي ۽ ڊائري ۾ سڀ ڪجهه ذاتي نوعيت کان ملڪي ۽ غير ملڪي به حال احوال لکجي سگهجي ٿو پر ذاتي ڊائري ڪانسواءِ هڪ ٻي ڊائري بين الاقوامي ۽ ملڪي حالتن متعلق ڊائري هئڻ گهرجي.

بهرحال سائين مٺل جسڪاڻي سوال جي موٽ ۾ سٺي ڳالهه ڪئي آهي، ڊائري لکندڙ جي ڊائري جو ڪنهن نه ڪنهن تاريخ تي ۽ ڪنهن ڏينهن وارو ڪورو ڪاغذ ئي رهجي ويندو ۽ ليکڪ خود پنهنجي حياتي جي پڄاڻي جو احوال نه لکي سگهندو ۽ اُن ڊائري جا باقي خالي جا خالي پنا رهجي ويندا ۽ اها ڊائري ائين رهجي ويندي ۽ ليکڪ جي بي وفا زندگي اڌوري ڊائري پٺيان ڇڏي ويندي، جو نه ڊائري زندگي جو هڪ اهم حصو آهي، پر جڏهن زندگي ئي باقي نه رهي ته پوءِ اُن ڏينهن ۽ تاريخ تي ڊائري بقايا هميشه هميشه لاءِ ائين رهجي ويندي جيئن ڪنهن نوٽ بُڪ يا ڪاپي جا اڻ تحرير ٿيل اڇا ڪاغذ ۽ پنا هوندا آهن. اُن ڪري ڊائري جو وجود به زنده دلي ۽ انساني زندگي سان جڙيل آهي، جو نه ڊائري جو ٻيو نالو ئي زندگي آهي ۽ آها زندگي ئي ڊائري ۾ لکرائي ٿي. ڊائري جي حوالي سان ڊائري ۾ سڄي ڏينهن جو حال احوال لکيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڳوٺ، پاڙي، شهر، ملڪ ۽ پرڏيهه ۾ اُن تاريخ تي ٿيل ڪو واقعو يا ڳالهه کي لکيو ويندو آهي. اُن ڪانسواءِ ذاتي نوعيت جو به حال احوال شامل ڪيو آهي. مطلب ته ڊائري جي پنن تي اهو سڀ ڪجهه درج ڪيو آهي ته 24 ڪلاڪن ۾ ڇا ڇا وهيو ۽ واپريو. اُن حساب سان سال جا 365 ڏينهن پنهنجو پنهنجو داستان ظاهر ڪندا آهن ۽ ائين پهرين جنوري کان 31 ڊسمبر تي اها ڊائري پنهنجو سال جو مدو مڪمل ڪري اڳوڻين ڊائرين جي سٽ ۾ شامل ٿي ويندي آهي، ڊائري لکڻ جو ڪو به خاص وقت نه هوندو آهي، البته رات جو ننڊ سمهڻ کان پهرين گذريل گهڙين جو پوتاميل ناهي جاچڙو ونجي ته اڄ واري تاريخ ۾ ڇا اهم ۽ خاص ٿي گذريو آهي، اهو ڊائري جي اُن تاريخ ۽ ڏينهن تي تحرير ڪيو ته اهو ايندڙ وقت ۾ اها تاريخ ۽ ڏينهن هڪ ثبوت طور اُن ئي لکندڙ اڳيان سندس هٿ اکر ماضي جي آئيني وانگر اچي بيهندا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي اکر اُن لاءِ خوشي وارا هوندا يا غمگين ڪندڙ. بهرحال اها تحرير اڻ مٽ ۽ يادگار هوندي، جنهن کي خود لکندڙ پڙهي چوندو 'مار اهو به ڪو زمانو هو' اها پڙهي هو ماضيءَ ۾ ڪجهه منٽن لاءِ گم ٿي ويندو حالانڪ اڄڪلهه ذاتي زندگي کي هڪ ناياب زندگي سمجهندي پرائيويسي طور ڊائري لکڻ بدران موبائيل ذريعي اُن کي جذبن ۽ احساس کي صرف لائڪ، ڪمينٽ ۽ شيئر ڪرڻ تائين محدود ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري هاڻي هر سال ڊائري خريد ڪرڻ ۽ روزانو لکڻ جي پابندي واري اهميت ماضي واري نه رهي آهي، اُن ڪري ادب کي به نقصان ٿي رهيو آهي، جو نه لکڻ جو جذبو ماڻهن مان گهٽ ٿي رهيو آهي، ڊائري روزانه لکڻ سان لکڻ جو جذبو وڌي ٿو ۽ هن سان ادبي صنف جا ذريعا به پيدا ٿين ٿا، اُن ڪانسواءِ لکڻ ۾ خود احتساب ۽ ناڪامي جو هڪ واضح ثبوت به آهي، هن ۾ مستقبل جي اصلاح به ٿئي ٿي، جنهن ڪري هڪ بهترين راهه ۽ رستو به ملي ٿو. ڊائري جي پنن ۾ تاريخي وقت بيهي وڃي ٿو پر اُن کي پڙهڻ ۽ ڏسڻ سان وڃايل وقت اکين اڳيان ڊوڙڻ لڳي ٿو. حقيقت ۾ ڊائري صرف نالو نه آهي، ڪاغذن جي هڪ مجموعي جو پر آها هڪ گذريل زندگي جي فلم آهي، جنهن جو پاڇو هلندو رهي ٿو. ڊائري جي هر هڪ پني مٿان قلم سان تحرير ٿيل اکر هڪ سچو داستان دستاويزي شڪل ۾ هوندو آهي، اڄڪلهه ڊجيٽل دور هڪ ڊائري بڻجي ويو آهي، اڳ ۾ روزانو ڊائري لکڻ عام عادت هوندي هئي پر هاڻ نوجوانن مان ڊائري لکڻ جو رجحان موڪلائي ويو آهي ۽ غير ضروري به چون ٿا، جڏهن ته ماضي ۾ ڪيترائي ليکڪ ڊائري جي بنياد تي آتم ڪٿا به لکندا هئا، ڊائري جي ڪري ڪيترائي زماني جا راز فاش ٿيندا رهيا آهن، پر هاڻي آها ڊائري لکڻ واري روايت جي جستجو ختم ٿي رهي آهي. ڊائري حقيقت ۾ لکڻ واري جو هڪ روح آهي، جيڪو لکندڙ کي پنهنجو گذري ويل وقت ياد ڏياريندو آهي، جيڪو ماضي جو هڪ خزانو آهي، ڊائري دل جو لکيل خفيه اظهار به آهي جيڪو وقت جي وهڪري سان وهي چُڪو پر اُن جو احوال ڊائري جي پني ۾ سمايل هوندو آهي پر اها ڪيفيت هاڻي ماضي جي پاڇولن ۾ غائب ٿي رهي آهي.

هر انسان جيڪو سدائين ڊائري روز لکندو رهي ٿو، اُن جي ڊائري ڪنهن نه سال ڪنهن نه مهيني، ڪنهن نه ڏينهن تي لکڻ بنا رهجي ويندي ۽ هُو هن دنيا جهان کي الوداع ڪري ويندو ۽ سندس اها اڌوري ڊائري ۽ بقايا ٻيون لکيل ڊائريون سندس وقت، حالتن، سُک ۽ ڏُک جون شاهد رهجي وينديون. جن، جن حالتن کي هن جيئن ڏٺو ۽ ڀڳو ۽ پوءِ ڊائري تي قلمبند ڪيو هوندو، اهڙين حالتن لاءِ مشهور فلم 'ڪڀي ڪڀي' جو گانو مڪيش جو ڳايل ۽ امتياب بچن تي فلمايل 'مين پل دو پل ڪا شاعر هون، گو آج تمهارا حصه هون، ڪل تم سي جدا هو جائون گا' سو بلڪل اُن جيان اڄ جڏهن راقم هي لکي رهيو آهي ته 29 ڊسمبر آهي ۽ اوهان 30 ڊسمبر اڱاري تي پڙهي رهيا آهيو سياڻي سال 2025ع جي آخري 31 تاريخ آهي ۽ ائين راقم سال 2025ع جي ڊائري کي لکڻ ۾ مڪمل ڪري رهيو آهي، پر 31 ڊسمبر کانپوءِ هن ڊائري کان جدا ٿي ويندو، جيتوڻيڪ هڪ سال (پهرين جنوري 2025ع کان 31 ڊسمبر 2025ع) تائين هي ڊائري به ٻين اڳوڻين ڊائرين وانگر راقم جي زندگي جو هڪ حصو ٿي ويندي، بهرحال 'ڊائري' جي تحرير ۾ راقم جي لکيل ڊائرين مان حال احوال شامل ڪرڻ نه هو، پر دراصل هن حوالي سان ڊائري جي اهميت ۽ حيثيت لکڻ هو جيئن نوجوانن ۾ ڊائري جو ختم ٿيندڙ رجحان ٻيهر بچائي سگهجي ۽ نوجوان ڊائري طرف راغب ٿي لکن ۽ اُن سان هنن ۾ لکڻ جو جذبو ۽ احساس به پيدا ٿي سگهي ۽ پوءِ هو ممڪن آهي ته ڊائري لکندي لکندي ليکڪ ٿي وڃن. بهرحال ڊائري وري به ڊائري آهي.

اهڙا هوٽل، جتي ماڻهون ۾ جيت پلجن ٿا ۽ پکي گهر ٺاهين ٿا!

عبدالله عثمان موراڻي

هر ٻوليءَ ۾ ڪجهه اهڙا لفظ هوندا آهن جيڪي پاڻ سان گڏ جذبا، يادون ۽ تصويرون کڻي ايندا آهن انهن مان هڪ لفظ "هوٽل" به آهي اهو لفظ اسان کي سفر ڪرڻ مهل رات جو ٻرندڙ بتين چمڪندڙ فرش تي هلندڙ سوٽ ڪيسن جي آواز ۽ انهن ڪمرن جي ياد ڏياري ٿو جتي ٿڪل مسافر ٿيڪ آرام ڪن ٿا. عام طور تي هوٽل جو تصور رڳو انسانن جي آسائش ۽ عارضي رهائش تائين محدود هوندو آهي پر دنيا جي ڪجهه حصن ۾، خاص ڪري سڌيءَ جهڙن ترقي يافته معاشرن ۾ 'هوٽل' جي لفظ کي خاموشيءَ سان نوان ۽ حيران ڪندڙ مفهوم ملي ويا آهن اڄ اهو لفظ رڳو ماڻهن يا مسافرن لاءِ مخصوص ناهي رهيو پر ان جو دائرو ننڍڙن جيت جڻن ۽ پکين تائين وڌي ويو آهي اهو رڳو هڪ سهولت ناهي پر هڪ اهڙو تصور آهي جنهن ۾ عمل تخليق ۽ فطرت جي سنڀال کي هڪ نئين رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي هيءَ ڪهاڻي انهن نرالين 'هوٽلن' جي باري ۾ آهي ۽ ان بابت ته اهي جديد دور جي ماڻهن جي ذهنيت ۽ ترجيحن بابت اسان کي ڇا ٿيون ٻڌائين؟ ننڍڙا هوٽل جتي موسمون مهمانن وانگر اينديون آهن

اسڪينڊينيويا جي هڪ ٿڌي صبح جو، جڏهن رستا ڄمڻ لڳندا آهن ۽ برف ڇتين تائين پهچندي آهي ته هڪ واقف موسمي رسم شروع ٿيندي آهي ورڪشاپن جي ٻاهر گلدين جون قطارون لڳي وينديون آهن جتي مڪينڪ اونهاري جا ٽائر لاهي سياري جا ٽائر لڳائيندا آهن اها رڳو گاڏيءَ جي سار سنڀال ناهي پر قانوني ۽ اخلاقي ذميواري آهي ڇاڪاڻ ته اتي رستن جو مزاج موسمن سان گڏ مڪمل بدلجي ويندو آهي پر اصل سوال اهو آهي ته اهي 8 ٽائر (چار اونهاري جا ۽ چار سياري جا) سڄو سال رکيا ڪيڏانهن وڃن؟ اڳي ماڻهو ڪين گهر جي ڪمرن يا بالڪنين ۾ رکندا هئا، جنهن سان نه رڳو جاءِ سوڙهي ٿيندي هئي پر گهر جي سونهن به متاثر ٿيندي هئي ان جو حل ٽائر هوٽل (Dackhotell) جي صورت ۾ نڪتو.

اها هوٽل روايتي هوٽل وانگر ناهي هوندي، هتي ڪي جهومر، ريسيپشن ڊيسڪ يا قالين ناهن هوندا ان جي بدران صاف سٿري ۽ ٿڌيش کان محفوظ اسٽوريج هال ۾ ٽائرن جون قطارون خاموشيءَ سان آرام ڪنديون آهن هتي هر ٽائر جي 'صحت' جو خيال رکيو ويندو آهي: جيئن انهن جو پريشر چيڪ ڪيو ويندو آهي، انهن کي ڌوئي صاف ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جي ربڙ جي حالت تي نظر رکي ويندي آهي ته جيئن سج جي روشني يا گهم ڪين خراب نه ڪري، جڏهن موسم بدلجي ٿي ته اهي 'مهمان ٽائر' ٻيهر روڊن تي نڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن اهو نظام ظاهر ڪري ٿو ته ڪيئن هڪ معاشرو ننڍڙن مسئلن کي به وڏي پلاننگ ۽ عقل سان حل ڪري ٿو.

جيتن جو هوٽل يا باغ جي ننڍڙن پورهيتن جو آستانو: سڀ هوٽلون رڳو سهولت لاءِ ناهن هونديون ڪجهه هوٽلون ماحولياتي فڪر ۽ فطرت سان محبت جي ڪري به اڏيون وينديون آهن جيڪڏهن توهان يورپ جي ڪنهن باغ يا اسڪول جي پٺيان ڪاٺ جو هڪ ننڍڙو ۽ دلچسپ گهر ڏسو، جنهن ۾ بانس جون لٺيون، سُڪل گاهه ۽ ننڍڙا سوراخ هجن ته سمجهي وڃو ته اهو جيتن جو هوٽل (Insect Hotel) آهي.

اسان اڪثر جيتن کي نظرانداز ڪندا آهيون پر ماکيءَ جون مکيون، پوپٽ ۽ ٻيا جيت خاموشيءَ سان پوري دنيا جي خوراڪ جو نظام (Ecosystem) هلائيندا آهن اهي گلن جي زرخيزي ڪن ٿا ۽ فصلن کي بچائين ٿا پر شهرن جي وڌندڙ آباديءَ ۽ ڪيميائي دوائن جي ڪري انهن جا قدرتي گهر ختم ٿي ويا آهن جيتن جي هوٽل انسان پاران فطرت کي ڏنل هڪ 'معافي نامو' آهي اها هوٽل انهن مکين پوپٽن، پوپٽن ننڍڙا ٻج ڪائيندڙ جيتن کي آستانو ڏئي ٿي جيڪي پنهنجا گهر يا آکيرا ڳوليندا آهن ۽ انهن کي پناهه ڏين ٿا، جيڪي سياري جي سخت ٿڌ کان بچڻ چاهيندا آهن ٻار انهن هوٽلن کي تجسس سان ڏسندا آهن ۽ ننڍپڻ کان ئي اهو سکندا آهن ته هيءَ ڌرتي رڳو اسان جي ناهي پر انهن ننڍڙن جيتن جي به آهي اها هوٽل گڏجي رهڻ (Coexistence) جي هڪ علامت آهي پکين جا گهر، جتي صبح جو آواز ٻيهر گونجي ٿو.

هاڻ اچون ٿا پکين جي گهرن تي جيڪي ڪاٺ جا اهي ننڍڙا باڪس آهن جيڪي اڪثر اسان جي اکين کان اوجهل هوندا آهن پر زندگيءَ سان ڀريل هوندا آهن اهي پکي جيڪي شهرن جي گوڙ ۽ سيمينٽ جي عمارتن ۾ پنهنجي جاءِ وڃائي چڪا هئا، انهن هوٽلن ۾ پنهنجو گهر ڳولي وٺن ٿا.

پکين جا اهي ننڍڙا گهر کين شڪارين، تيز هوائن ۽ برفاني راتين کان بچائين ٿا. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ورانڊي ۾ پکيءَ جو گهر لٽڪائي ٿو ته هو رڳو هڪ جانور جي مدد نٿو ڪري پر هو پنهنجي زندگيءَ ۾ فطرت کي واپس اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو جڏهن صبح جو انهن گهرن مان پکين جا گيت ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ته محسوس ٿئي ٿو ته انساني وسنديءَ ۾ اڃا ساهه باقي آهي.

هڪ گڏيل فڪر شعوري زندگيءَ جو فلسفو: پهرين نظر ۾ ٽائر هوٽل، جيتن جو هوٽل ۽ پکين جو گهر مڪمل طور الڳ لڳن ٿا. هڪ گاڏي جي حفاظت لاءِ آهي ٻيو ماحول لاءِ ۽ ٽيون جذباتي لڳاءَ لاءِ پر اهي سڀ هڪ ئي انساني چونڊ مان پيدا ٿين ٿا: 'زندگيءَ کي شعور سان گذارڻ'.

اهو تصور اسان کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن اسان ننڍڙين شين کي به اهميت ڏيون ته زندگيءَ کي بهتر نموني منظم ڪري سگهجي ٿو فطرت تي غلبو حاصل ڪرڻ بدران ان جو احترام ڪرڻ سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ ئي اصل ترقي آهي هڪ ذميوار معاشرو اِهو آهي جيڪو پنهنجي مشينن سان گڏوگڏ پنهنجي چوڌاري موجود جيتن ۽ پکين جو به خيال رکي ترقي رڳو لوهه ۽ سيمينٽ جا انبار لڳائڻ جو نالو ناهي سچي ترقي اها آهي ته اسان ڪيتري نرميءَ سان پنهنجي دنيا سان پيش اچون ٿا. ٽائرن لاءِ جاءِ ٺاهڻ اسان جي تنظيم سازي آهي پر جيتن ۽ پکين لاءِ هوٽلون ٺاهڻ اسان جي روح جي زنده هجڻ جو ثبوت آهي اهي نراليون هوٽلون اسان جي سماج لاءِ هڪ وڏو سوال ۽ هڪ خوبصورت سبق آهن جيڪڏهن اسان ٽائرن جيتن ۽ پکين لاءِ ايتري سوچيل سمجهيل پلاننگ ڪري سگهون ٿا ته ڇا اسان پنهنجي انسانن لاءِ اهڙا هوٽل يا پناهه گاهون ٺاهي نٿا سگهون؟ ڇا اسان پنهنجي شهرن کي ٻارن، بزرگن ۽ پورهيتن لاءِ وڌيڪ مهربان نٿا بڻائي سگهون؟ ڪڏهن ڪڏهن سڀ کان وڏا سبق سڀ کان ننڍڙين اڏاوتن مان ملندا آهن آرام ڪندڙ هڪ ٽائر، پناهه وٺندڙ هڪ جيت ۽ گيت ڳائيندڙ هڪ پکي اسان کي خاموشيءَ سان ياد ڏيارين ٿا ته اسان کي هن گڏيل دنيا ۾ هڪ ٻئي سان ڪيئن حڪمت، ذميواري ۽ محبت سان رهڻو آهي

"نئين سال جي آمد"


رسول بخش رئيس

چرخي جي گردش نه ڪڏهن رُڪي آهي ۽ نه ئي ڪڏهن رڪجندي. ڏينهن ۽ رات جو حساب، سج جو اڀرڻ، رات جو تارن جي چمڪ ۽ پوءِ پورو چنڊ آهستي آهستي شفق جي رنگين چادر مان ٻاهر جهاتي پائڻ- اهي سڀ وقت جي قيد ۾ آهن. اسين به ان قيد کان آزاد ناهيون. پر زندگي جي رونقن، خرابين، خوشين ۽ غمن ۾ اهو احساس اڪثر وسري وڃي ٿو ڏينهن هفتا، مهينا ۽ سال بنا خبر گذرندا وڃن ٿا. زندگيءَ جو سڀ کان وڏو راز وقت آهي، جنهن جو ڀيد اڄ تائين ڪو به پوري طرح سمجهي نه سگهيو آهي، جيتوڻيڪ دعوائن جي ڪا ڪوٽ ناهي.

وقت ۽ زندگي گڏ گڏ هلن ٿا. جڏهن زندگي نه ٿي رهي ته وقت به اُن ئي لمحي، ساهه رڪجڻ سان، ختم ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري ڪي داناءَ چون ٿا ته وقت کي روڪيو. ان ۾ جيئو. پر ان لاءِ حال جي شعور جو هجڻ به ضروري آهي. ڪڏهن ڪڏهن هي نظريو به اڌورو لڳي ٿو جيستائين ان ۾ زندگيءَ جي مقصد کي شامل نه ڪيو وڃي. مقصد به هڪڙو ئي نٿو ٿي سگهي. انسان پنهنجين خواهشن، آرزوئن ۽ ارادن جو غلام آهي.

دانشورن، ليکڪن ۽ خوشحال زندگيءَ جا درس ڏيندڙ گروهن جديد معاشرن ۾ جيڪا مقبوليت حاصل ڪئي آهي، شايد ئي ڪنهن ٻي صنف جي قلمڪارن کي نصيب ٿي هجي. ذاتي طور منهنجي واقفيت هن فڪري ڌار سان اوائلي زندگيءَ ۾ ٿي، جڏهن مان نائين جماعت ۾ پڙهندو هوس. ڊيل ڪارنيگي جو اهو ڪتاب، جنهن جون لکين ڪاپيون وڪاميون هئيون اُن جو اردو ترجمو مليو "پريشان ٿيڻ ڇڏي ڏيو. جيئڻ شروع ڪريو". اڄ هن موضوع تي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود آهي ۽ هر نئين ڪتاب کي وٺڻ جي خواهش جاڳي پوي ٿي. حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته نڪتو ساڳيو پر هر هڪ جو بيان ۽ زندگي گذارڻ جي حڪمت عملي مختلف آهي. سوچڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته آخر ڪامياب زندگيءَ جو جوهر ڇا آهي؟ هڪ لفظ ۾ چئجي ته اهو آهي: "اطمينان سڪون پنهنجي پاڻ سان صلح". خوشي ۽ دائمي خوشيءَ جا چشما انهيءَ صلح مان ڦٽن ٿا.

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته هي صلح ناموڪيئن تيار ٿئي؟ جڏهن اسان ڏسون ٿا ته تيز رفتار صنعتي دور ۾ ۽ خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾ مسئلن جا انبار آهن. نفسا نفسي آهي، بيچيني ۽ مقابلي جو ميدان سجايو ويو آهي. هڪ پاسي سماجي ۽ قومي جبر ٻئي پاسي ذهني سڪون جي خواهش- هي گڏ ڪيئن ممڪن آهي؟ جواب سادو آهي: 'عاجزي'. اسان کي اهو ئي ڪرڻ گهرجي جيڪو اسان ڪري سگهون ٿا ۽ اهو ئي پيشو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو دل چاهي اسان جي دور جا ڪيترائي والدين ٻارن تي زور وجهن ٿا ته هي بڻجڻو آهي، اهو ناهي بڻجڻو ۽ اهڙا وسيلا اختيار ڪن ٿا جيڪي سڄي زندگي خاندان لاءِ احساسِ جرم بڻجي وڃن. پوءِ سڪون ۽ اطمينان ڪٿان ايندو؟

اهو چوڻ ڏکيو آهي ته انسان جو ضمير ڪڏهن مري ٿو- جيڪڏهن مري به سگهي- پر منهنجي خيال ۾ اهو انسان سان گڏ سندس روح تائين قائم رهندو آهي. ان ڪري ان جو آواز ٻڌڻ ضروري آهي؛ ان کي دٻائڻ پاڻ کي ختم ڪرڻ جي برابر آهي. ڳالهه سادي آهي: توهان ۽ مان هڪ وقت، تهذيب ۽ سماج جي پيداوار آهيون. اسان انهن جي اندر ئي رهون ٿا ۽ انهن جي حدن کان آزاد ناهيون. بغاوت به اصولن ۽ نظرين جي دائري ۾ ئي ممڪن آهي. بلڪل نيون، مڪمل مختلف اخلاق ناهڻ جون ڪوششون اسان وقت جي ڪچري ۾ ڪرنديون ڏٺيون آهن. جائز ۽ ناجائز جا تصور مذهب ۽ تهذيب ۾ موجود آهن. جيڪڏهن ڪو انهن حدن کان ٻاهر وڃي ٻيو رستو اختيار ڪري ٿو ته اها سندس چونڊ آهي؛ اسان کي سندس شخصي رجحانن تي فتويٰ ڏيڻ جو ڪو اخلاقي حق ناهي.

اسان جي معاشري جو هڪ وڏو الميو- شايد سڀ کان وڏو- اهو آهي ته اسين ٻين جي طرزِ زندگيءَ بابت فيصلا ۽ فتوائون جاري ڪرڻ لڳون ٿا. ڪڏهن نه لڳي ٿو ڄڻ ماڻهو ٻئي کي جج ڪرڻ لاءِ نڪري پيو آهي. ڀائو! پنهنجي ڪم سان ڪم رکو. ٻين جي نالن ڪمن ۽ ڪاميابين ۾ پئجي ڇا ملندو؟

ڪڏهن حڪيم لقمان جي پٽ بابت لکيل اُٺ ڳالهيون مون کي تحفي ۾ مليون، جيڪي مون ديوار تي لڳايون آهن. انهن مان هڪ اها آهي ته جڏهن ٻين جي گهرن ۾ وڃو ته نظر هيٺ رکو. مطلب ته ٻين جي چمڪ دمڪ، دولت ۽ فراواني نه توهان کي وٺي ۽ نه ئي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿئي ته توهان لاءِ به اهو سڀ ڪجهه لازمي آهي. ڏيکاءَ واري زندگي ۽ دولت جي آڏار ٻين کي گهٽ ڏيکارڻ جي ثقافت تيزيءَ سان بدلجندڙ معاشرن ۾ عام ٿي وئي آهي. سچو ۽ پڪو انسان اهو آهي جيڪو پاڻ وٽ موجود شين تي خوش هجي، جيڪو ڪري سگهي ٿو تنهن تي راضي هجي ۽ جيڪو زندگيءَ ۾ بڻجي سگهيو آهي تنهن تي مطمئن هجي. جيڪڏهن اهو نه هجي ته ارب ۽ کرب پتي ٿي وڃڻ باوجود نظر هميشه ٻين جي پليٽ تي هوندي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه ڌوڙ لڳندو.

مون وڏن دولتمندن کي به بي سڪوني ۽ شڪايتون ڪندي ڏٺو آهي ۽ مالي لحاظ کان سادن درويشن کي سڪون، خوشي ۽ ڀرپور زندگي گذاريندي ڏٺو آهي. جتي به مقابلي بازي نمايان نظر اچي اتي دل چاهي ٿي ته ڊڄندڙ پکيءَ وانگر اڏامي ڪنهن ٻئي وڻ تي وڃي ويهون. سياست ۽ مذهب جي بحثن ۾ به اهو ئي حال آهي؛ هر ڪو افلاطون بڻجي ٻئي کي پٽڻ ۾ لڳل آهي. اهي اهڙا موضوع آهن جن تي محفلن ۾ بحث ڪري ذهني سڪون آسانيءَ سان وڃائي سگهجي ٿو- اهي سڀ فضول ماڻهن جون فضول ڳالهيون آهن.

مون کي ياد نٿو پوي ته اهو ڪهڙو نفسياتدان هو جنهن چيو هو ته ڪامياب ۽ خوشگوار زندگي لاءِ "علم، ڪم ۽ محبت" ضروري آهن. ڪهڙو علم، ڪهڙو ڪم ۽ ڪهڙي محبت؟ ان جي ڪا تخصيص ناهي محبت جهنگ، ريگستانن، دريائن ۽ قدرتي نظارن سان به ٿي سگهي ٿي. ڪم زندگيءَ جي منصوبه بنديءَ سان جڙيل آهي؛ روزانو هفتيوار ۽ ساليانو. جيڪڏهن ترتيب ۽ مقصد نه هجي ته بي شعور مخلوق جا سال به گذري ويندا آهن. حقيقي خوشي اها آهي ته طئي ڪيل ڪم روزمره جي معمول مطابق سرانجام ڏنو وڃي بي سمت زندگيءَ ۾ نه خبر پوي ٿي ته ڪاٿي ڪڏهن آهي، سمهڻو ڪڏهن ۽ ملڻ جلڻ ڪڏهن.

مون دنيا هڪ عام پاڪستانيءَ کان وڌيڪ ڏٺي آهي. خوش، صحتمند ۽ ڪامياب ماڻهو اهي ڏٺم جن جي زندگيءَ ۾ نظم و ضبط هو. قناعت هئي ۽ جيڪي پنهنجو پاڻ سان خوش هئا. نه ڇهري تي شڪايت، نه غير موجوده بابت ڳالهيون، نه موجود ماڻهن تي تنقيد جا وار. اهڙا دوست شايد دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ رهجي ويا. هاڻي پڇڻ ممڪن ناهي؛ گهڻو ڪجهه ٻڌون ٿا، پر وقت اسان کي اهو به سيکاري ڇڏيو آهي ته برداشت ڪجي، نظرانداز ڪجي- ۽ اهڙي طرح پاڻ کي ٻين جي تيرن کان بچائجي.

سال جي آخري ڏينهن ۾ ڳالهائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي؛ نئون سال در تي بيٺل آهي. مان وينڊڙ سال جي آخري شام سج کي لهندي ڏسان ٿو. وقت ۽ فطرت پنهنجي رفتار ۽ سونهن سان هر روز اسان کي هم آهنگ ٿيڻ جو سڏ ڏين ٿا. توهان لاءِ خواهش ۽ دعا آهي ته اهي سڏ نئين سال جي اچڻ کان اڳ توهان تائين پهچي وڃن.

انساني سماج ۾ بغاوتن ۽ عداوتن جو وقت!


رحمت الله ٻرڙو

ڏيهه ٽوڙي پرڏيهه ۾ انساني سماج ۾ نفرتن جو وڌڻ ۽ برداشت جو ختم ٿيڻ جا آخر سبب ڪهڙا آهن جو هي سڀ ڪجهه تيزيءَ سان تبديل پيو ٿئي؟ سوال ته پيدا ٿئي ٿو ته ڇو ۽ ڪيئن؟ ته ان جو پهريون سولو ۽ آسان منطق اهو آهي ته پوري دنيا ۾ تيزيءَ سان انساني معاشري ۾ ايندڙ تبديلي ۽ چڙواڳي ان جو پهريون دليل آهي، جنهن جا اثر انساني رشتن تي پون ٿا، جيڪي مثبت ناهن، بلڪ منفي آهن. هن ترقي يافته معاشرن کان ويندي ترقي پذير معاشرن کان ملڪن تائين ورتل جائزي ۾ سامهون آيل نتيجو ٻڌائي ٿو ته انساني يا معاشرتي قدر ۽ رشتا ترقي يافته معاشرن يا سماجن ۾ گهٽجي ويا آهن.

چون ٿا ته اسان جي سماجن ۾ جتي ٻڌو ويو آهي ته هي حلقا معاشري ۾ ترقي ڪري پيسا ڪمائي ويا آهن ۽ پيسن ذريعي دنيا جي هر آسائش هنن کي ملي رهي آهي ۽ دولت ۽ سهولتن جي بنياد تي ٻلڙو ڪندڙ معاشرا چون ٿا ته اسان رشتن تي يقين نه ڪندا آهيون. اسان مارڪيٽ جي ٻوليءَ کي سڃاڻون. مارڪيٽ جو اڳهه هنن جي مجبوري ناهي هوندو هو. ان جا عادي هوندا آهن. جنهن ڪري دولت ۽ اختيار تي ناز ڪندڙ معاشرا پنهنجا انساني قدر ۽ پنهنجائپ وارو احساس وڃائي ويهي رهندا آهن ۽ پاڻ کي ترقي يافته سمجهندي پوئتي ورائي ڏسڻ جي مهلت کان به انهن رووين ڪري وساري ويهندا آهن. اُن بنياد تي اتي انهن معاشرن ۾ رشتا نه، بلڪ هڪ ڪلاس ٻي ڪلاس کي گهٽ سمجهڻ ڪري ماڻهو اڪيلو ٿي ويهندو آهي. جنهن سبب نفرت جو طوفان تيزيءَ سان جنم وٺي اڳتي وڌي ٿو. ان نفرت جي نگاهه يا نفرتي رويو هجڻ سبب سڀ تعلق، دوستي ۽ مٽي مائٽي وڃائي ويهو ٿا. هوڙانهن رپورٽن موجب جڏهن ماڻهو پاڻ کي ترقي يافته سمجهندي پاڻ کي ڪنهن درجابندي اڻڻ جي ڪوشش ڪندو ته خود بخود سامهون وارا رشتا اوهان کان ٽٽڻ يا ڇڄڻ جو رستو اختيار ڪندا. هوڙانهن مشاهدن ۽ مُطالعاتي رپورٽن موجب اهو به دليل سامهون آيو آهي ته پاڻ کي سولائيزڊ سمجهندڙ، ترقي يافته سمجهندڙ حلقا يا وري دولت جي فراوانيءَ سبب پيٽ ڍاپيل طبقو جڏهن دارو مدار مليل سهولتن تي ڪندو ته هنن وٽ پنهنجن جو به اهو قدر ناهي رهندو. جنهن سبب هو پنهنجائپ وارن احساسن کان دور ٿيندو وڃي ٿو تنهائيءَ جو شڪار ٿئي ٿو ۽ اها انساني معاشري ۾ تنهائيءَ واري لڪير معاشرن يا قدرن کي نه بلڪ پر سهل پسندي کي اوليت ڏئي ٿي ۽ پوءِ ايئن چوڻ ۾ ڪوهرج محسوس نه ٿيندو ته انساني يا معاشرتي قدرن جو قدر يا احساس ترقي يافته معاشرن تمام گهٽ ملندو ۽ غير ترقي يافته معاشرن ۾ ڏيڪ ملندو.

چئي سگهجي ٿو ته ترقي يافته يا سهل پسند ۽ نفرت کي پسند ڪندڙ حلقن وٽ منطق يا LOGIC هلندو آهي. لازمي آهي ته LAW يعني قانون منطق کي مڃيندو آهي ۽ اهو قانون عقل جي پيداوار آهي ۽ عقل وار وري پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ دليل جو گهرجائو هوندو آهي. جڏهن ته دنيا جا مذهب لاجڪ کان تمام پري آهن. هنن وٽ لاجڪ کان پهريان احساس کي اوليت پڻ آهي ۽ اهو احساس پڻ جڏهن ته دل جي وٽ ڪارڪنن ۽ عوام جو اجتماعي احساس آهي ۽ نه ئي وري ماتحتن ۽ ڪارڪنن ۽ گڏيل طور عوام وٽ قيادتن جو احساس آهي اُن ڪري هاڻي اهي ترقي يافته معاشرا يا سماج، ادارا يا قيادت سميت اڳواڻيون اهي ناهن رهيون. هر هڪ کي پنهنجي لڳڻ ۽ مان واري ماحول پيدا ڪرڻ سبب ۽ مان ئي ملڌار، مان ئي سهل پسند، مان ئي گهڻو ڪجهه. منهنجي ئي هلي يا مان ئي سڀ ڪجهه ڪري سگهان واري چڪر سبب هن پوري عالمي انساني ڍانچي ياسماج کي ترقيءَ جي نالي تي پونچال ۾ آڻي بيهاريو آهي جتي پيچ ڊاهه وڌيڪ ۽ تيزيءَ سان واڌ ويجهه ڪري رهي آهي. ان جو سبب نفرت جو تيزيءَ سان پکڙجڻ پڻ آهي ۽ اهو ان جو پکڙجڻ هُئي کي به احساس ٿو ڏياري ته اهو سلوڪ بهتر ناهي، ان ڪري مان به هن کي پسند نه، بلڪ ناپسند ڪيان ٿو جي ناپسند به ڪري ته هو دوري اختيار ڪندو ۽ اها وٿير ماڻهوءَ کي قربت ۽ قدرن کان پري رکندي.

بهرحال هي جيڪو اسان وٽ هن وقت سياسي پونچال نذر اچي رهيو آهي، ان جو سبب به اهوئي بحث آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيو آهي. مٿين سطح جي قيادت يا اڳواڻ ۽ سربراهن کان ويندي ادارتي سربراهن

هن ترقي يافته سولائيزڊ نام نهاد سماجن انساني معاشرن مان قدرن کي ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن سبب امير وڌيڪ امير ترٿيندو پيو وڃي ۽ غريب وڌيڪ ڏينهو ڏينهن غريب ٿيندو پيو وڃي ان ڪري نفرت جي نگاهه ڪان حوس جو وڌڻ غير ترقي يافته هجڻ نه پر سهولت جي گهٽتائي ۽ آسانيءَ سان ملي وڃڻ سبب ٿئي ٿو. جديد تقاضائن سان هم آهنگ مٿيون ڪلاس، جيڪو ڪنهن به ڪلاس جو حامي ناهي سواءِ پنهنجي مفادن جي وڃي پيو قدر وڃائيندو ۽ نفرتون ۽ ناپسنديدگيءَ کي هٿي ڏيندو.

دنيا جي جديد ليس سهولتن سان واڳيل يا سلهاڙيل ماڻهو اڪثر نفرت جي پکيڙڻ جو سبب آهن ۽ هو هنن جديد ٽيڪنالوجي ۽ انفارميشن جي سهولتن سبب معاشري ۾ اڪيلائيءَ يا تنهائيءَ جو شڪار ٿيندا وڃن پيا ۽ انساني معاشرن ۾ سماجي ۽ شهري بيمارين پکيڙيندا. هن انساني سماج کي نقصان سولائيزڊ ترقي يافته سڏائيندڙ حلقا ٿا ڏين نه ڪي سهولتن کان وانجهيل ڳوٺاڻا. دنيا جا مذهب اوهان کي دل سان ۽ احساس سان سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا، جڏهن ته پاڻ کي قانون ۾ جڪڙيل مارڪيٽن جي منجهايل معاملن جا متن رکندڙ سولائيزڊ پاڻ کي منطقن پيان لڳل آهن ۽ اهي منطقي معاشرا جتي سببن پويان آهن، اتي انهن وٽان احساس ختم ٿي ويو آهي. احساس نه هجڻ سبب عجلت ۽ تيزيءَ سڀ ڪجهه هوندي پاڻ کي بغاوتن توڙي عداوتن پويان لڳي پيا آهن. ان ڪري اسان هتي سيني لاءِ اهي ڳالهيون ٿا ڪيون ته حالتن کي تيزيءَ سان تبديل ڪندڙ حلقا ان ڳالهه تي ڌيان ڏين ته سڀ ڪجهه دولت، اختيار ۽

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 320 سال 2025

مسمات عارفہ خاصخيلي...پلينٽف...خلاف: شفيع محمد خاصخيلي پٽ امير بخش مسلم بالغ ذات خاصخيلي رهندڙ پان سيد آباد شيدي محلا بيسائيڊ ڊاڪٽر اشوڪ ميڊيڪل ڪلينڪ تعلقو پان سيد آباد ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 0306-3639168، 0302-3278920....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنرز الانگ وٿ ايپليڪيشن يو/ ايس 17-A آف FCA، 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر49 سال 2025

مسمات پنائي بيواهہ مجنون ڪوسو رهندڙ ڳوٺ بلاول ڪوسو تعلقو سڪرنڊ ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) معشوق علي (2) مسمات شهزادي (3) مسمات لالي (4) شهزاد علي (مائنر) (5) شير علي (مائنر) (6) مسمات جنت (مائنر) (7) مسمات زوية (مائنر) (8) مسمات صنم (مائنر) سڀ پٽ ڌيئرون مجنون ڪوسو آپونينٽس نمبر01 کان 03 بالغ ۽ آپونينٽس نمبر04 کان 08 مائنر سڀ رهندڙ ڳوٺ بلاول ڪوسو ضلعو شهيد بينظير آباد (9) پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي پلاٽ نمبر 32۽33 سروي نمبر 360،361،362 جي فروخت جي اجازت لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول، فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر48 سال 2025

مسمات زينت بيواهہ صفدر علي رند رهندڙ پير زڪري نمبر01 تعلقو سڪرنڊ ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) سميع الله (2) مسمات فرحانہ پروين (3) مسمات رخسانہ (4) سيف الله (5) رفيع الله سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم صفدر علي رند آپونينٽس نمبر01 کان 03 بالغ ۽ آپونينٽس نمبر04 ۽ 05 مائنر سڀ رهندڙ ڳوٺ الهه بخش رند تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد (6) پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر237 سال 2025

مسمات عذرا ڌيءِ مرحوم صاحب ڏنو...ايپليڪينٽ...خلاف: شبير احمد ۽ ٻيا....آپونينٽس

جنرل پبلڪ ايٽ لارج:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت دداخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي شناختي ڪارڊ نمبر 4130341422910 وفات جي تاريخ 16-01-2021 پراپرٽي ۾ يو مائيڪرو فنانس بينڪ لميٽڊ هيرا آباد حيدرآباد ۾ ڇڏيل 24.00 گرام تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

8th ايڊيشنل سيشنز جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 266 سال 2025

مسمات رشيده زال عبدالحڪيم رهندڙ ڳوٺ نارو خان لغاري تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) ريجنل ڊائريڪٽر نادرا ڪراچي (3) اسٽنٽ مينئجر نادرا ٽنڊو الهيار (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

لاتعلقي جو اظهار

هن اشتهار ذريعي هر سرڪاري و غير سرڪاري ادارن سان گڏ عام و خاص ماڻهن کي آگاهہ ٿو ڪريون ته نالي ذيشان ولد مير آدم خان ٽالپر وينل جمال شاهہ ڪالوني ٽنڊو شاهه جيڪو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ڪري خراب ٿي ويو آهي جنهن ڪري اسان ڪائنس لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا منهنجو ۽ منهنجي پائرن هر هڪ خليق الزمان، شير الزمان آفتاب احمد ۽ منهنجي فيملي جو ذيشان سان ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق ناهي هن کان اڳ ۽ هاڻي هو جنهن سان به ڪو ڏڌو فساد ڏيتي ليتي يا ڪوبه غيرقانوني غلط عمل ڪندو ته ان جو هو پاڻ ذميواري رهندو اسان جو ساڻس ڪنهن به قسم جو ڪو به تعلق نه آهي.اسان جو هيءُ بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

مير آدم خان ٽالپر رهندڙ ٽنڊو شاهه تعلقو هالا، ضلعو مٽياري

لاتعلقي جو اظهار

هر سرڪاري و غير سرڪاري ادارن سان گڏ عام ماڻهن کي آگاهہ ٿو ڪجي ته نالي جيتومل ولد فرسومل لوهاڻو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ڪري خراب ٿي ويو آهي جنهن ڪري اسان ڪائنس لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا منهنجو ۽ منهنجي پٽ روي ڪمار ۽ راڪيش لوهاڻو سميت منهنجي پائرن لالچند، ماهہ ديو، دليپ ڪمار، گلاب راءِ ولد ٽولا رام لوهاڻو ۽ منهنجي فيملي جو جيتومل سان ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق ناهي هن کان اڳ ۽ هاڻي هو جنهن سان به ڏڌو فساد،ڏيتي ليتي يا ڪوبه غيرقانوني ۽ غلط عمل ڪندو ته ان جو هو پاڻ ذميواري رهندو اسان جو ساڻس ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق نه آهي.اسان جو هيءُ بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

ايشور داس ولد ٽولا رام لوهاڻو رهندڙ ٽنڊو شاهه تعلقو هالا، ضلع مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي اصغر ولد الياس سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي الياس ولد اسماعيل سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهہ ڪامارو تپو ڪامارو تعلقي بدين سروي نمبر 269 ۾ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ عيسي سومرو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي الياس ولد اسماعيل سومرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي اصغر پٽ فوتي جو 2 سلطان احمد پٽ فوتي جو 3 عبدالجبار پٽ فوتي جو 4 عبدالرزاق پٽ فوتي جو 5 عبدالعزيز پٽ فوتي جو 6 علي اڪبر پٽ فوتي جو 7 علي محمد پٽ فوتي جو 8 عبدالمجيد پٽ فوتي جو 9 مسمات سڪينہ ڌيءِ فوتي جي 10 فاطمہ ڌيءِ فوتي جي 11 مهرالنساءِ ڌيءِ فوتي جي 12 مسمات صغران بانو ڌيءِ فوتي جي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد اسماعيل ولد سليمان پرهياڙ درخواست ڏني آهي ته سندس پيءُ نالي سليمان ولد جمع پرهياڙ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهہ جهگڙي تپو پڏو تعلقي بدين ۾ سروي 34 ۽ ٻيا مان ايراضي حصي موجب 31_5 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ سومار پرهياڙ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي سليمان ولد جمع پرهياڙ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد اسماعيل پٽ فوتي جو 2 محمد سليم پٽ فوتي جو 3 عبدالحليم پٽ فوتي جو 4 مسمات زينب ڌيءِ فوتي جي 5 نسرين ڌيءِ فوتي جي 6 مسمات شمشاد ڌيءِ فوتي جي 7 مسمات تصيران ڌيءِ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته منهنجي اسٽيٽ لائف انشورنس ڪارپوشن پاڪستان لاڙڪاڻہ زون جي پاليسي نمبر 0 -607782103 جو فائيل ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نہ سگهي آهي جنهن جي اين سي لاڳاپيل ٿاڻي تي پڻ درج ڪرائي آهي لاڳاپيل اداري کي عرض ٿو ڪجي تہ ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏني وڃي

صدام حسين ولد عبدالرسول منگواڻو
ابراهيم ڪالوني ميهڙ دادو

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته منهنجي ٽريڪٽر فورڊ نمبر slf 4610 ماڊل 88 گاڏي نمبر 2617 انجڻ نمبر D993024 چيچس نمبر PK 5981 جن جا ڪاغذ گم ٿي ويا آهن اگر ڪنهن کي هٿ اچن ته هيٺ ڏنل نمبر تي تي اطلاع ڪندا

وحيد ولد پير بخش چانڊيو
موبائل نمبر 03103279973

عام اطلاع

جيئن ته منهنجو رهائشي پلاٽ نمبر36 ايراضي 200 چورس وال واقع ظفر هائوسنگ اسڪيم ديهہ مياڻو تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ٻهراڙي جنهن جا اصل ڪاغذ هدايت الله ميمڻ ولد محمد موسيٰ جي نالي آهن جنهن جو مون وٽ عام مختيارنامو آهي مذڪوره پلاٽ جي اصل رجسٽري مون ڪان گم ٿي ويئي آهي اگر مذڪوره پلاٽ بابت ڪنهن به شخص کي ڪوبہ اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر سب رجسٽرار سٽي-II شهباز بلڊنگ حيدرآباد وٽ پنهنجو دستاويزي ثبوت سان حاضر ٿي

عبدالصمد ولد محمد اصغر
موبائل نمبر: 03332227009

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته آئون نالي تضمين رضوان زال رضوان حبيب شناختي ڪارڊ نمبر 4130349481282 هڪ عدد پلاٽ نمبر 180 ايراضي 400 چورس گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ محمد اسلم ولد عبدالمجيد شناختي ڪارڊ نمبر 4130353211559 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي آگاهہ ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نہ هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

تضمين رضوان زال رضوان حبيب

بقايا	1	سوار فوت

تي کهرام مچي ويو ٻي پاسي پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا	2	بڪ هڙتال جاري

جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 34هين ڏينهن به بک هڙتال جاري رکي ننگرپارڪر واسين طرفان چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ يحيٰ آفريدي آڏو روڊ تي سيو ڪارونجهر جا بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو چيف جسٽس گاڏي بيهارڻ بجاءِ احتجاج ڪندڙن کي ڏسندو اڳتي گذري ويو ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو ۽ ٻين چيو ته اسان پرامن احتجاج ڪري چيف جسٽس آڏو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو هن چيو ته اسان ڪارونجهر کي بچائڻ لاءِ پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته اسان چيف جسٽس کان مطالبو ٿا ڪريون ته ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف ايڪشن کڻي ڪارونجهر کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا	3	هڙتال

ٻيراڻي ۾ انجمن تاجران جي اڳواڻن غلام محمد مري، مير محمد مڪسي سيٺ شاڪر شيخ ، شوڪت مغل مولائي مدد مري جي سڏ تي شهرين ڪاروبار مڪمل طور تي بند ڪري ڇڏيو شهرين ميمڻ چوڪ تي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪندي چيو ته واپڊا وارا هر روز ٻيراڻي ۾ 16 کان 18ڪلاڪ ڏور جو معمول بڻيل آهي شهر جي بجلي بند ڪري ڇڏين ٿا جنهن سبب شهرين جو ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ 16 کان 18 ڪلاڪن تائين بجلي لوڊشيڊنگ سبب گهرن ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ مسجدن ۾ نمازين لاءِ وضو لاءِ پاڻي ناهي بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف ايس ڊي آفيس سامهون ڌرڻو هڻي احتجاج ڪنداسين جيستائين شهر مان بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم نہ ڪئي ويندي احتجاج جاري رکنداسين ٻئي طرف ايس ڊي او جي ٽيم جنهن ۾ رستم مڪسي سجاد خاصخيلي ۽ چيرمين اصف ڪلوئي سان ڳالهيون ڪري شهرين کي يقين ڏياريو ته هاڻ ٻيراڻي شيڊول موجب لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي ان يقين دهاني تي شهرين احتجاج ختم ڪيو

بقايا	4	ٽڪر فوت

پيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي زخمي کي تعلقہ اسپتال پهچايو وارثن موجب گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان جي ٽنگ ڀڄي پئي ۽ ڊاڪٽرن پٽو ڪرڻ بعد ڪيس حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو جيڪو حيدرآباد ويندي سورن جي سٽ نہ سهندي فوت ٿي ويو خبر فائل تي تائين ڪوبہ ڪيس وغيره داخل نہ ٿيو هو

بقايا	5	صحافي فوت

سندس حالت خراب هجڻ ڪري ڪيس نوابشاهہ ريفر پئي ويو تہ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي جڏهن تہ ريگو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آهي واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا	6	زخمي ڪري ڇڏيو

ٻڌايو ته خيرپور شهر ۾ رولو ڪتن جي وڌندڙ آزار سبب سنڌن معصوم ٻارڙا سخت متاثر ٿي رهيا آهن وارثن ٻڌايو تہ سنڌن ٻارڙا گهر کان ٻاهر کيڏندي رولو ڪتن جي حملي جو شڪار ٿي وڃن ٿا هنن چيو تہ ڪيترائي ڀيرا احتجاج ۽ شڪايتون ڪرڻ باوجود ضلعي انتظاميہ ۽ ميونسپل ڪاميٽي طرفان رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ ڪا بہ ڪتا مار مهم شروع نہ ڪئي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو تہ ضلعي ۾ ڪتا مار مهم جو آغاز ڪري شهرين کي ڇتن ۽ رولو ڪتن کان بچايو وڃي ۽ شهرين جون زندگيون محفوظ بڻايون وڃن

بقايا	7	نينگر زخمي

اسپتال ۾ فرسٽ ايڊ فراهم ڪرڻ ،پهچو بعد حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ايم پي اي برهان خان چانڊيو وڌيڪ علاج لاءِ زخمين کي پنهنجي ڪار ۾ لاڙڪاڻي روانو ان موقعي خيرپورناٿن شاهہ جوپ پ ،ڪيو ايم پي اي زبيراحمد جوڻيجو پ پ اڳواڻ ۽ ڪارڪن بہ وڏي انگ ۾ اسپتال پهچي ويا

بقايا	8	داخل

ويو ايف آءِ آر ۾ ٽاليوار نواب الدين عبدالرشيد شاهن قالڻ ۽ وقار مهر شامل

خيرپورناٿن شاهه ويجهو تيز رفتار ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت، ماءُ سميت ٻه زخمي

انڊس هاءِ وي تي واقع ڳوٺ نانگڻ وٽ حادثي ۾ 28 ورهين جي شاهد علي سومرو ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ نوجوان جي امڙ افشان ۽ خالده سخت زخمي ٿي پيون، لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽ ڪرشن لعل ٺنها) خيرپورناٿن شاهه ويجهو انڊس هاءِ وي تي واقع ڳوٺ نانگڻ وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار اٺارين ورهين جو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ميڪسيڪو: اوساڪا ۾ ٽرين حادثي ۾ فوت ٿيلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن

گهوٽڪي چيئرمين جي هدايتن تي شاهه عبداللطيف لائبريري کي ڏکڻي عرصي کان پوءِ ٻيهر فعال ڪيو ويو

گهوٽڪي(ن ع) ميونسپل ڪاميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين چام آصف رزاق خان ڌاريجو جي هدايتن تي شاهه عبداللطيف لائبريري کي ڏکڻي عرصي کان پوءِ ٻيهر فعال ڪيو ويو آهي لائبريري جي ڀِڃڪري لاءِ ڇت تي فالس سيلنگ ڪرائي وئي آهي جڏهن ته فرش تي ماربل جو ڪم به مڪمل ڪيو ويو آهي جنهن
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي هڪ ڄڻو فوت هڪ سخت زخمي

ڳوٺ شهڪ مري وٽ حادثي ۾ 35 ورهين جو پرويز پنهور ٿڏي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي 60 ورهين جي الياس ۽ لاش کي پوليس ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم(ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميرپور خاص روڊ تي ڳوٺ شهڪ مري وٽ تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جو ٻن موٽر سائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ مصري پنهور جو رهواسي 35 سالا پرويز ولد خدا بخش پنهور ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو 60 سالا
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ سماجي تنظيم پاران لڳايل ٻه روزه مفت اکين جي ڪئمپ ڪاميابيءَ سان پڄاڻي پهتي

راڌڻ (ن ع) راڌڻ لڳ مريض ماڻهن جو روحاني اجلاج ڪندڙ جڳ مشهور درگاهه مخدوم سعيدي موساڻي واري علائقي ٺئون ڳوٺ ۾ بلقيس رضيه لغاري ويلفيئر ٽرسٽ پاران شهري اتحاد جي سهڪار سان لڳايل
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز لڳ ڪوچ جو ٻن موٽر سائيڪلن کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي

ملياڻي ٻاءِ پاس تي پيش آيل حادثي ۾ ديدار جسڪاڻي ٿڏي تي دم ڏنو ڏاڍي حوالي ڪيو

حادثي ۾ زخميصدام عباسي، سيف الله ملڪ ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

نوشهروفيروز(ڊ) رانوشهروفيروز ملياڻي ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ڪوچ جو ٻن موٽر سائيڪلن کي ٽڪر هڪ ڄڻو ديدار جسڪاڻي فوت ۽ ٻه زخمي ٿي پيا آهن زخمين ۾ صدام عباسي ۽ سيف الله ملڪ شامل آهن زخمين کي ۽ فوتي جو لاش کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي موٽر
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي رهواسي جو پٽ سان گڏجي اڳوٽي ڏال جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ٺئون ديرو چوڪ عابد ڪالوني جي رهواسي پنهنجي پٽ سان گڏجي اڳوٽي ڏال جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جون شاگرديائيون ڊگريون ماڻڻ بعد خوشي جو اظهار ڪندي

ٽنڊوآدم نوجوان اڄاڻ گاڏيءَ جي ٽڪر فوت، گهر ۾ ڪهرام

شهدادپور روڊ تي 25 ورهين جي امير علي ڏيرو کي گاڏي ٽڪر هڻي زخمي ڪيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏني حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) شهر جي چانهيا پاڙي جو رهواسي پاڪستان پوسٽ آفيس ٽنڊوآدم جو ملازم 25 سالن جو نوجوان امير علي ڏيرو شهدادپور روڊ تي بيراڄي شاخ ويجهو اڄاڻ گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ويگو جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر، صحافي فوت

ملياڻي ٻاءِ پاس وٽ پيش آيل حادثي ۾ ماجد تگر سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏني حوالي ڪيو

نوشهروفيروز(ڊ) رانوشهروفيروز ملياڻي ٻاءِ پاس وٽ تيز رفتار ويگو جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ صحافي ماجد تگر فوت ماجد تگر ملياڻي ٻاءِ پاس ڏان شهر اچي رهيو هو ته تيز رفتار ويگو جو ٽڪر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن سول اسپتال منتقل ڪيو ويو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ رولو ڪتن حملو ڪري ٻن ٻارڙن ڇڪي زخمي ڪري ڇڏيو

بنارس ڪالوني ۾ ڪتن حسنين علي ۽ دانيال عباس کي ڏاڙهي زخمي ڪيو

زخمي ٻارن کي وارث ڪٽائي سول اسپتال پهتا جتي ويڪسين ڪئي وئي

خيرپور(ڊ) خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بنارس ڪالوني ۾ رولو ڪتن حملو ڪري ٻن ٻارڙن حسنين علي ۽ دانيال عباس کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو بنهي ٻارڙن کي سندن وارثن طرفان سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ويڪسين ڪرائي وئي ان موقعي تي نينگر جي وارثن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريس ڪلب جي چونڊن دوران اميدوار نتيجن جو انتظار ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو لڳ ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار فوت

ٻاءِ پاس قومي شاهراهه تي حادثي ۾ نوجوان شفيع الله پتافي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ ٻاءِ پاس قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نوجوان شفيع الله پتافي موقعي تي فوت ٿي ويو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سجاڳي فورم پاران 34هين ڏينهن به بک هڙتال جاري

ننگرپارڪر(ن ع) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سجاڳي فورم جي اڳواڻن ۽ ٻين
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ميرواهه شهر ۾ 16 کان 18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ خلاف انجمن تاجران ۽ شهرين پاران شٽر ڊائون هڙتال

مظاهرين غلام محمد مري، مير محمد مڱسي، سيٺ شاڪر شيخ، شرڪت مڱل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ 16 کان 18 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ سبب گهرن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ٿي وئي آهي: مظاهرين

ايس ڊي او جي ڊير رستم مڱسي، سجاد خاصخيلي مظاهرين وٽ پهچي يقين ڏيارڻ احتجاج ختم ڪرايو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

چار نواز علي: ميرواهه ۾ لوڊشيڊنگ خلاف شٽر ڊائون هڙتال ۽ مظاهري جو ڏيک

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جي ٽيائي سان گڏ پاڪ ڪتاب ڪٿي باثر ماڻٽن خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر محلا جي رهواسي پورهيت پنهنجي ٽيائي سان گڏ پاڪ ڪتاب ڪٿي باثر ماڻٽن جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه ۾ ايم پي اي جي گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن ۽ ٽينگر زخمي

ڳوٺ ريجهپور وٽ برهان خان چانڊيو جي ڪار ٽڪر ۾ اسحاق ۽ ٽينگر فريد زخمي ٿي پيا

زخمين کي ايم پي اي پنهنجي گاڏي ۾ ڪٽائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

ڳوٺ ريجهپور وٽ (ن ع) خيرپورناٿن شاهه ڀ پ ايم پي اي سردار برهان خان چانڊيو جي ڪار جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ روڊ ڪراس ڪندڙ ڳوٺ ريجهپور جو رهواسي پيرسن محمد اسحاق سولنگي ۽ ٽينگرفريد زخمين کي ايم پي اي سخت زخمي ٿي پيا ڪار ۾ کڻي تعلقه اسپتال اي پنهنجي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چڪ لڳ هفتو اڳ قتل ٿيل رحيم بخش جاگيراڻي جو ڪيس 7 جوابدارن خلاف داخل

مقتول جي ڀاڄائي زاهده خاتون جي فرياد تي 5 سڃاتل ۽ 2 اڻسڃاتل خلاف ڪيس داخل ڪرايو

چڪ لڳ هفتو اڳ بيدرديءَ (ن ع) چڪ سان قتل ڪيل ڳوٺ نظر الدين جاگيراڻيءَ اسي نوجوان رحيم بخش جاگيراڻيءَ جو ڪيس ٿاڻي تي مقتول نوجوان جي ڀاڄائي جوابدارن معان 7 زاهده خاتون جي فرياد تي جوابدار 5 ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن ۾ اڻسڃاتل معان داخل ڪيو 2 ٽالي سان ۽
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن عوام جو سک ۽ چين کسي ڇڏيو آهي: دوردوشي

باڊهه (ن ع) سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن عوام جو سک ۽ چين کسي ڇڏيو آهي، معمولي ڳالهين تان اڄوڪين جون جهولين ويران ۽ ونين جا ور جدا ٿيڻ افسوسناڪ عمل آهي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور مڙس هٿان قتل ٿيل ڪنوار جي قبر ڪشائي، لاش گم، رت وارا ڪپڙا هٿ آيا

مقتول ڪنوار شاهده جکرو جي ڀيڻ رخسانه جي درخواست تي بلوچستان جي علائقي پاڳ ناڙي ۾ قبر ڪشائي ڪئي وئي

جوابدارن جي نشاندهي تي قبر کوٽي وئي ته لاش گم ٿيل هو، مقتول عورت جا رت سان ڀريل ڪپڙا هٿ آيا

قبرڪشائي کان اڳ جوابدارن لاش کي قبر مان ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ دفن ڪيو ويو آهي: درخواست گذار

ٽنڊوآدم: ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي فوت ٿيل پرويز پنهور جو لاش

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي فيصل ڪالوني ۾ مبينا طور مڙس هٿان قتل ٿيل نئين ڪنوار شاهده جکرو وارو معاملي مبينا قتل ٿي ويل عورت جي ڀيڻ رخسانه جکرو جي درخواست تي بلوچستان
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڌيارو ويجهو نوجوان زهريلي دوا پي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ڳوٺ سانول منگريو واسي 16 ورهين جي بلاول منگريو انتهائي قدم کنيو

نوجوان کي وارث اسپتال کڻائي آيا جتي دم ڏني حوالي ڪيو ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

ڪنڌيارو(ن ع) ڪنڌيارو ويجهو ڳوٺ سانول منگريو واسي 16 سالا نوجوان بلاول منگريو زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقا اسپتال مان اندر ويو جتي ابتدائي طبعي امداد بعد گمبٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو ته رستي ۾ جان جي بازي هارائي ويو جڏهن
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

باڊهه: خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سنت موهن داس دربار جو افتتاح ڪندي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي اٿلپ، ٽينڪر مافيا جو راڄ شهري رستن تي نڪري آيا

خدا جي بستي ٻيهر اسٽاپ ابڙا چوڪ، پوپٽ ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ

انتظاميه جي نااهلي سبب ٽينڪر مافيا کليل نموني عوام کان لٽ مار ڪرڻ ۾ مصروف

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي مختلف علائقن خدا جي بستي ٻيهر اسٽاپ ابڙا چوڪ، پوپٽ ڳوٺ سميت ڪيترن ئي آبادي وارن علائقن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ عوامي زندگي کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي پاڻي جهڙي بنيادي انساني ضرورت کان شهري محروم بڻيل آهن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ ڪرپشن خلاف پورهيتن جو احتجاج

پورهيت عطا حسين ڪولاچي ۽ سنڌس ننڍي ڀاءُ قميص لاهي انوکو احتجاج ڪيو

آفيسر غلام سرور چاچڙ ۽ آڊيٽر نعمان جائز ڪم لاءِ به رشوت طلبي رهيا آهن

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ هر جائز ڪم تي هلندڙ چاليهه پرسنٽ ڪميشن ۽ مبينه ڪرپشن خلاف ڪولاچي برادري جي پورهيت قميص لاهي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پورهيت عطا حسين ڪولاچي ۽ سنڌس ننڍي ڀاءُ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو پوليس خلاف دڪاندار جو احتجاج، نوجوان کي ڪنهي تشدد جو الزام

پوليس ڀاءُ نديم ملڪ کي ڪوڙي موبائيل چوري ڪيس ۾ گرفتار ڪري تشدد ڪيو: عمران

رشوت نه ڏيڻ تي ڀاءُ تي وحشاڻو تشدد ڪيو ويو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو پوليس پاران موبائيل جي دوڪاندار نوجوان نديم ملڪ کي ڪٽي مبينا تشدد ڪيو آهي عمران ملڪ جو اسپتال ۾ ميڊيا اڳيان ڏانهون ان موقعي تي ان ڳالهائيندي چيو ته اوباوڙو پوليس ظلم ڪيو آهي منهنجي نوجوان ڀاءُ کي ڏينهن اڳ موبائيل جي چوري جي الزام هيٺ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ مبينا ڪرپشن خلاف پورهيت انوکو احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ تعليم کاتي پاران ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ آگاهي مهم شروع

ڊي اي او پرائمري، هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر ۽ ٻين عملدار پمفليٽ تقسيم ڪيا

ٺٽو(ڊ) تعليم کاتي سنڌ جي صوبائي وزير سردار شاهه جي خاص هدايتن تي تعليم کاتي ٺٽي جي استادن پاران هر شهري ڳوٺاڻي جا ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ آگاهي مهم شروع ڪري ڇڏي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ٽائيم اسڪيل نوٽيفڪيشن ۾ دير خلاف اين سي ايڇ ڊي فيلڊ آفيسرن جو مظاهرو

نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ جي گريڊيڊ سول سرونٽ فيلڊ آفيسرن احتجاج ڪيو

نوٽيفڪيشن ۾ دير ملازمن جي بنيادي سروس حقن ۽ عدالتي فيصلن جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ٽائيم اسڪيل نوٽيفڪيشن ۾ دير خلاف اين سي ايڇ ڊي جي فيلڊ آفيسرن جو سخت احتجاج، فوري عملدرآمد جو مطالبو ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ وفاقي وزارت تعليم جي ماتحت انساني ترقي جي قومي اداري نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ جي گريڊيڊ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ٽائون ڪاميٽي سالن کان ڪلارڪ مجاهد منگي حوالي

اسان چيئرمين کي ڪڏهن ٽائون ڪميٽي ۾ ڊيوٽي ٿا ڏسون: شهري

چيئرمين کي ته آفيس جو رستو به ڏٺل ناهي، شهر بيابان بڻجي ويو آهي

سوڀوديرو(رپورٽ: فقير محمد عباسي) تعلقي سوڀوديرو جي راڻيپور ٽائون ڪاميٽي سالن کان ڪلارڪ مجاهد منگي حوالي، ٽائون ڪميٽي راڻيپور جي چيئرمين انتظاميا سڀ حڪم مجاهد منگي جي آرڊر سان جاري ٿيندا آهن ٽائون ڪاميٽي راڻيپور وائٽ ڪالر من پسند شخص مجاهد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه جي واپاري ديوان ايشور داس جو شرپسندن خلاف احتجاج

شرپسند مونکي ۽ منهنجي فيملي کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن: ايشور داس

چيٺومل جا قرضدار مون کي مسلسل حراسان ڪري مختلف طريقن سان ڌمڪائي رهيا آهن

پٽ شاهه(ن ع) پٽ شاهه جي واپاري ديوان ايشور داس پٽ شاهه پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه شرپسند ماڻهون مونکي ۽ منهنجي فيملي کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن جنهن لاءِ مونکي تحفظ ڏيئي منهنجي قانوني مدد ڪئي وڃي، ديوان ايشور داس چيو آهي ته اسان جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ سماجي تنظيم پاران لڳايل ٻه روزه مفت اکين جي ڪئمپ ڪاميابيءَ سان پڄاڻي پهتي

راضديرو: گهر مان ٿيل چوري بعد سامان پکڙيل آهي، ٻئي طرف چورن جا پيرا کنيا پيا وڃن

ٽڪرول بلاڪ ون جي ڊمپنگ سبب ڳوٺ ڪاريو غلام شاهه متاثر، احتجاج

ڊمپنگ جي اڏامندڙ دز مٽي ۽ رک سبب ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي: ڳوٺاڻا

ڳوٺ ۾ لڳل 3 آر او پلانٽ خراب پيل آهن، ڪمپني ڪا به سهولت ناهي ڏني

اسلام ڪوٽ(ن ع) ٽڪرول بلاڪ ون جي ڪوئلي دوران نڪرندڙ مٽي اچلائڻ بعد ڊمپنگ سبب 10 هزار آبادي رکندڙ ڳوٺ ڪاريو غلام شاهه سخت متاثر ٿي چڪو آهي،انهي سلسلي ۾ متاثر ڳوٺاڻن سيد احمد شاهه،سيد حسن شاهه،سومار مهراڻيوٽي،رسول بخش مهراڻيوٽي،جادم مهراڻيوٽي،مهندرو ڀيل،سورج جٽيال،هريش جٽيال،ارجن ميگهواڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ پاڪستان فشر فورم چيئرمين جي گهر تي فائرنگ ۽ قاتلاڻي حملي خلاف احتجاج

مرڪزي چيئرمين مهراڻ علي شاهه تي هٿيارٻندن جو انڌا ڌنڌ فائرنگ، علائقي ۾ خوف جو ماحول

ساحلي علائقن ۾ گٽڪا مافيا ۽ منشيات فروشن خلاف آواز اٿاريندي رهي آهي: پاڪستان فشر فورم

بدين (ڊ ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جي اجلاس ۾ منشيات فروشن طرفان مرڪزي چيئرمين مهراڻ علي شاهه جي گهر تي فائرنگ ۽ قاتلاڻي حملي جي ڪوشش خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن حاجي نبي بخش ملاح عبدالرحيم چنداڻي محمد عمر ملاح محمد قاسم ٻڇو محمد سومار لوهار ساجن شيخ ۽ ٻين چيو ته ابراهيم حيدري ۾ گٽڪا مافيا جي کليل دهشتگردي سامهون اچي وئي بدنام گٽڪا ۽ ماوا ڊيلر منشيات
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

راضيديرو لڳ چور گهر جا تالا ٽوڙي لکين رپيا روڪ، سونا زيور ۽ سامان ڀاري ويا

شهري پنهل لاشاريءَ جي گهر ۾ چار چورن داخل ٿي اڍائي لک روڪ، سون ۽ قيمتي سامان کنيو

گهرڌڻين جي اطلاع تي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او اڳڙا عملي سميت کوجي ڪتن ذريعي پيرا کڻايا

ڳوٺ عرض محمد ملاح ۾ پيرا لڳڻ تي هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

راضيديرو(رپورٽ: قربان علي گلال) رات دير سان چار نامعلوم هٿياربند پنهل لاشاريءَ جي گهر ۾ داخل ٿي ٻن صندوقن جا ڪلف ٽوڙي اڍائي لک روڪ ڏيڍ تولي سون جهمڪيون منديون لٽا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سکر ۽ خيرپور واسين جو بااثر جوابدارن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

اپڙي جي رهواسي عمراڻي برادري جي عورتن، مردن ۽ ٻارن سان احتجاج ڪيو

بااثرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پوليس پاران موثر ڪارروائي نه ٿي ڪري: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) بااثر جوابدارن جي ڏاڍ ۽ پوليس پاران موثر ڪارروائي نه ڪرڻ خلاف خيرپور جي رهواسي عمراڻي برادري جي عورتن ، مردن ۽ ٻارڙن جو سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي سکر کان نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي جي اپيل خبر
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. سکر پوليس جي ترجمان موجب ٿاڻو تماچاڻي پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات وڪرو ڪندڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايڇ او ٿاڻو تماچاڻي پنهنجي حدن ۾
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ سم تباهي مچائي ڇڏي

گڏيجي، سيڌارجا بالا ۽ ٻين علائقن ۾ چار فٽ تائين سم جو پاڻي بيٺل

اسڪارپ کاتي عملدار ايندڙ ڪروڙين رپيا ڪاغذن ۾ ڏيکاري ڪم نٿا ڪن: رهواسي

خيرپور(ڊ) خيرپور جي رسول آباد، ڏيپارجا، گڏيجي، سيڌارجا بالا ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سم سخت صورتحال اختيار ڪري وئي آهي. اسڪارپ پروجيڪٽ جا گهڻا ٽيوب ويل بند هجڻ ۽ سم جي پاڻي جي نيڪالي نه ٿيڻ سبب ڪيترن علائقن ۾ هڪ فٽ کان چار فٽ تائين سم جو
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

پير ڳوٺ پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ) خيرپور لڳ پيرڳوٺ لوڌرا موڙ تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيل سنگين ڪيسن ۾ ملوث هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ان جا ٻه ساٿي فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي ڌوهاري جي سڃاڻپ صدام ولد الهجڙيو عرف شيدو ڦليپوٽو طور ٿي آهي.گرفتار زخمي ڌوهاري جي قبضي مان پستل ۽
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

مسڻ وڏي: ڳوٺ ۾ لڳل باهه بعد شعلا اٿي رهيا آهن ٻئي طرف سڙي زخمي ٿيل مينهن

شڪارپور ۾ ڳهوٽ سوڏو لن جڻن جو قتل لاقانونيت جي انتها آهي: جماعت اسلامي

واقعو سنڌ تي مڙهيل پ پ جي سترهن سالن جي ڪاري دور جو نتيجو قرار ڏيون ٿا

پيپلزپارٽيءَ جي سنڌ حڪومت کي دهشتگردي ۾ ملوث سردارن جي پٺڀرائي ختم ڪرڻ گهرجي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ شڪارپور ۾ ڳهوٽ سوڏو قبيلائي دهشتگردي ۾ ٽن ڄڻن جي قتل واري واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي هن کي لاقانونيت جي انتها ۽ سنڌ تي مڙهيل پ پ جي سترهن سالن جي ڪاري دور جو نتيجو قرار ڏنو آهي ۽
بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

انشاءَ الله جلد ميهڙ گمس اسپتال جو باضابطہ افتتاح ڪرايو ويندو: فياض ڀٽ

سنڌ سرڪار سان گڏجي علائقي واسين جي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون آهن

پيپلز پارٽي منشور مطابق بنا ڪنهن فرق جي عوام جي خدمت ڪندي رهندي

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ميهڙ ۽ پس گرداي جي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي اعلاج لاءِ پ پ ايم پي اي ۽ ضلعي پ پ جنرل سيڪريٽري فياض علي ڀٽ جي ڪوشش سان گمس جي نگراني هيٺ قايم ڪيل گمس اسپتال ميهڙ جو پ پ ايم پي اي ۽ ضلع جنرل سيڪريٽري فياض
بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ سنت موهن داس دربار مندر جي نئين تيار ٿيل عمارت جو افتتاح

وڏي وزير جي خاص معاون ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي مندر جو افتتاح ڪيو

هن شهر تعلقي جو درجو ملڻ کوپ، وزير اعليٰ سنڌ اڳيان شهرين جو مطالبو رکندس: ڳالهيون

باڊهه (ن ع) وزير اعليٰ سنڌ جي خاص معاون ۽ اقليتي امور کاتي جي ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي باڊهه ۾ سنت موهن داس دربار پهچي مندر جي نئين تيار ٿيل عمارت جو افتتاح ڪيو سنت موهن داس دربار پهچڻ تي اقليتي برادري جي مکي تارا چند ۽ ٻين معتبرن گلن جي ورکا
بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ملازم جو معصوم ٻارڙن سان گڏجي حبيب بينڪ انتظاميا خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ننڍي ملازم پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي حبيب بينڪ انتظاميه جي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي ملازم ارباب علي بروهي ڳالهائيندي چيو ته ايچ بي ايل بينڪ اسڪوائر برانچ کان پهريون ٻه لون تي لک چاليهه هزار لون کڻي بئنڪ کي واپس ڪيو جنهن کان پوءِ ٻيهر جاءِ
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف ڪارروائين ۾ 9 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ) خيرپور پوليس جو مختلف علائقن ۾ منشيات سپلائيرن ، اشتهاري رويوش ۽ ٻين سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون وڏيڪ 09 جوابدار گرفتارڪري منشيات هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيوويو تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي حڪمن تي عمل ڪندي خيرپور
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

پي ٽي آئي ملتان ٿيندڙ هر ظلم جو جواب ڏيو: ڊاڪٽر مسرور سيال

ڳوٺهي ياسين (ن ع) ڳوٺهي ياسين بابڙ هائوس تي پي ٽي آئي جي اهم گڏجاڻي نئين باڊي لاءِ مشاورت، مرڪزي قيادت شريڪ ڳوٺهي ياسين بابڙ هائوس تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي جي ڪارڪنن جي نئين باڊي متعلق اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مسرور احمد سيال مرڪزي نائب صدر ڊاڪٽر اقرار احمد
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

شيخوپوره: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد سمر ورهائڻ واري سينٽر جو دورو ڪندي

ٽنڊو آدم پريس ڪلب جي چونڊ، راڻا مختار صدر ۽ عاشق حسين ساند جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم پريس ڪلب جي سال 2026ع لاءِ عهديدارن جي چونڊ لاءِ جنرل باڊي اجلاس چيئرمين اليڪشن ڪاميٽي وسيم احمد فاروقي ۽ ڪاميٽي ميمبرن امداد راهي ۽ عمر فاروق قريشي جي نگراني هيٺ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ متفقه طور تي راڻا مختار کي صدر ۽ عاشق حسين ساند کي جنرل سيڪريٽري
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

بدين پريس ڪلب جي چونڊ، شرڪت ميمڻ صدر، عبدالشڪور ميمڻ جنرل سيڪريٽري بنا مقابلي ڪامياب

بدين (ڊ ر) بدين پريس ڪلب جون ساليانيون چونڊون سال 2026ع اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين الطاف شاهه ميمڻ ۽ ميمبرن منور جمالي فرحان ميمڻ جي نگراني ۾ ٿيون جنهن ۾ گڏيل اتفاق سان هيٺيان عهديدار بلامقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا صدر شوڪت ميمڻ نائب صدر عمران عباس خواجه جنرل سيڪريٽري
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ جي چونڊ، سمورا عهديدار ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ميمبر بنا مقابلي ڪامياب

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) جي سال 2025-26 لاءِ ٿيندڙ چونڊون خوش اسلوبي سان مڪمل ٿي ويون جن جي نتيجي ۾ ايسوسيئيشن جا سمورا عهديدار ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ميمبر بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا.چونڊن ڪانيو سکر پريس ڪلب ۾ ٿيل اجلاس دوران نو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سکر: تائيڪواندو چيمپيئنز شپ ۾ برونز ميڊل ماڻيندڙ ٽينگري

سڳيون لڳ چور پ پ اڳواڻ جي زمين تان پاڻي وارو موٽر کڻي ويا، پوليس پيرا وڃائي واپس

سڳيون (ن ع) سڳيون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي چورين ڦرون روز جو معمول بڻيل نامعلوم چور سڳيون ٿاڻي جي حد ۾ گاجي ڳوٺ جي رهواسي يوسي سمي جي وائيس چيئرمين پي پي اڳواڻ غلام مرتضي حطار جي زمين تي لڳل فصل کي آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي واري بور تان پاڻي وارو موٽر چوري
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف علائقن ۾ ٽارگيٽ آپريشن ڪري 9 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو

خيرپور(ڊ)خيرپور پوليس پاران ڪچي جي مختلف علائقن ۾ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري، 09 شڪي جوابدار گرفتار ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي قيادت ۾ ضلعي جي پوليس پاران ڪچي واري علائقي ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران ڌوهارين ۽ انهن جي سهولتڪارن جو گهيرو وڌيڪ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گهٽين ۽ پاڙن مان چوريون ڪندڙ 9 ڄڻن جو ٽولو گرفتار ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس سول لائين ٿاڻي جي پراڻي بس اسٽينڊ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي گهٽين ۽ پاڙن مان چوري ڪندڙ 9 ڄڻن تي مشتمل ٽولي کي گرفتار ڪري لوهي راڊ ۽
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سول ڊفينس سکر پاران باني محمد علي جناح جي جنم ڏينهن حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان جي باني
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار پاران کليل ڪچهري منعقد

سيد علي ممتاز زيدي جي صدارت هيٺ ڪچهري ۾ عملدارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

سيد علي ممتاز شڪايتون ٻڌڻ بعد موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي حل جا حڪم جاري ڪيا

ٺٽو (ڊ ر) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار (ايف) سيد علي ممتاز زيدي جي صدارت هيٺ عوامي شڪايتن ۽ مسئلن جي حل لاءِ سرڪٽ هائوس مڪلي ۾ کلي ڪچهري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب هارون احمد خان، اسسٽنٽ رجسٽرار محتسب محمد حنيف
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪيرو جي عدالت پاران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد جي سزا

ايڊيشنل سيشن جج قاضي علي پٺاڻ جوابدار نادرعلي عمر قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي

جوابدار تي دريا خان مگنهار جي ٻارڙي سان زيادتي جو ڏوهه ثابت ٿيو

ڪيرو(ن ع) ايڊيشنل سيشن جج ڪيرو قاضي علي پٺاڻ ڪيرو جوابدار نادرعلي ولد لياقت ذات خاصخيلي کي ٻارڙي سان زيادتي ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عمر قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي جوابدار خلاف پوليس اسٽيشن ٽنڊوآدم سٽي تي متاثر ٻارڙي جي والد فريادي درياخان مگنهار
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سينيٽ جي پيٽروليم بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي چيئرمين سينيٽر عمر فاروق پاڪ عرب ريفائنري ڪمپني جي دوري دوران هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

لواري شريف ۾ رڪشا ڊرائيور تي قاتلاڻي حملي خلاف بدين ۾ احتجاج

مظاهرو ڪندڙن ٽائر ساڙي احتجاج ڪري ضلعي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي

بيگناهه ماڻهن تي قاتلاڻا حملا معمول بڻجي ويا، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا نااهل آهن: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) لواري شريف ۾ رڪشا ڊرائيور جاويد جوڻيجو مٿان ٿيل قاتلاڻي حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف لواري شريف ٿاڻي آڏو ٽائر ساڙي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ڪري شهر مڪمل طور بند ٿي ويو هن موقعي تي اڳواڻن عطا گاڏاهي حميد چانڊيو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پائلٽي پاران مهينہ 2 ڇاڇن کي فوتي ڄاڻائي جعلي ڪاتو ڪرائڻ جو انڪشاف

پائلٽي محمد افضل عرف ڪالو ڪاتو پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيو آهي: علي احمد شيخ

ڊي سي دادو پاران ڌرين کي 29 ڊسمبر تي طلب، وڪيل ذريعي انصاف جي اپيل

دادو(ڊ ر) دادو ۾ پائلٽي پاران پنهنجي 2 ڇاڇن کي مبينہ طور فوتي ڄاڻائي روينيو کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت ۾ ڪاتو تبديل ڪرائڻ جو چرڪائيندڙ انڪشاف ٿيو آهي غريب آباد چانڊني چونڪ ڪالوني
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ منشيات جو سرعام وڪرو ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج

شهر ۽ ڳوٺن ۾ Z 21 ۽ آئيس جو وڪرو سرعام هلي رهيو آهي:مظاهرين

نشي جي واهپي سبب سوين گهر اجڙي چڪا، نوجوانن جون زندگيون داءَ تي لڳل آهن

ڪڪڙ(ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ منشيات جو وڪرو سرعام ٿيڻ لڳو نشو وايرائڻ سبب نوجوانن نسل جون زندگيون داءَ تي لڳل سوين گهر اجڙڻ لڳا شهري ڳليءِ ۾ وڪوڙجي ويا ان دوران فقير عبدالغني ساريو
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: صحافي جي گهر تي حملي ۽ اغوا جو ڪيس داخل نه ٿيڻ احتجاج

اغوا ٿيل معصوم جي بازيابي باوجود مويا پوليس ايف آءِ آر داخل نه ڪري سگهي

صحافين جو صوبائي وزير آءِ جي سنڌ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو غلام حيدر جي مويا ويجهو ڳوٺ قاضي احمد ٻانهن ۾ نجي ٽي وي جي رپورٽر سينئر صحافي قاضي شمس ٻانهن جي نوجوان پٽ پائيٽي ، معصوم ٻار جي اغوا جي بازيابي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ جسقم پاران سنڌ ورهاڱي خلاف خانگي چينل جو بائيڪاٽ جو اعلان

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشہ رهندي، ورهاڱي واري ڳالهه برداشت نه ڪئي ويندي: نياز ڪالاڻي

اردو چينل جو مالڪ ميان عامر محمود مختلف هنڌن تي پروگرام ڪرائي صوبن بابت راءِ وٺي ٿو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جسقم (شهيد بشير خان) سنڌ ۾ نون صوبن بابت ڳالهيون ڪندڙ ميان عامر محمود سميت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن انتظاميا کان معافي وٺڻ جو مطالبو ڪندي 27 ڊسمبر
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽنڊو محمد خان جا رهواسي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

ٺٽون ڳوٺ ويجهو گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڦبولو جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار

پرائمري اسڪول ڦبولي جي تعمير جو ڪم گذريل هڪ سال کان بند هجڻ سبب تدريسي عمل متاثر

نااهل ٺيڪيدار نثار احمد جتوئي ڪم ڇڏي ويو آهي ۽ ڪم ۾ ناقص مٽيريل استعمال ٿيل آهي: ڳوٺاڻا

ٻار وڻن هيٺ ۽ کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن، تعمير جو ڪم فوري طور شروع ڪرايو وڃي

ٺٽون ڳوٺ (ن ع) ٺٽون ڳوٺ ويجهو گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڦبولو جو مرمتي ڪم رولڙي جو شڪار ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو اعليٰ انتظاميه کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ٺٽون
بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

مسوپرگڙي لڳ روهڙي ڪينال تي پوڪيل وڻن جي ناجائز وادي

رات جي پيٽ ۾ ڪينرائي ٻهرن جا وڻ وڏي گاڏيون ڀري وڪرو ڪرڻ جا انڪشاف

اسان وڻن جي ناري ورتي آهي، باقي ٽو اريگيشن عملدارن ڪاٺ وارن کي وڪرو ڪيو آهي: ڏڏار

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي لڳ ڏاڄيور موري کان وٺي ڪيساناموري ريلوي ڦاٽڪ تائين سوين وڻن جي ڇانگ جي نالي سان غيرقانوني وڻن جي وادي شروع ڪئي وئي آهي ان حوالي سان بڪرين جي ڏڏن جي
بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان روڊ حادثي جو زخمي نوجوان لاڏاڻو ڪري ويو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان روڊ حادثي جو زخمي نوجوان لاڏاڻو ڪري ويو گذريل جمع واري ڏينهن ميرواهه گورچاڻي روڊ سولنگي اسٽاپ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ نعمان پٽ اعجاز سولنگي سخت زخمي ٿي پيو هو جنهنکي ڏگهڙي تعلقي اسپتال مان طبي
بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 5

ڪمشنر حيدرآباد جو اعليٰ سطحي اجلاس، ترقياتي منصوبن تي تفصيلي جائزو

آٽو ڀان روڊ، ٽنڊو جام بائي پاس سميت فليگ شپ منصوبن جي پيش رفت تي غور

يوٽيلٽي ڪنيڪشنز جي منتقلي، غير قانوني قبضن جو مسئلو ۽ روڊن جي صفائي تي زور

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ شهباز هال شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ آٽو ڀان روڊ فيز ٽو ۽ ٻين اهم ترقياتي منصوبن سان لاڳاپيل معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽنڊو
بقايا نمبر 56 ڏسو صفحو 5

مٽياري لڳ هاءِ روف وين ڪاٽي عورتن سميت پنج مسافر زخمي

مٽياري (ڊ ر) مٽياري لڳ سيڪاٽ ٿاڻي جي حد ۾ قومي شاهراهه تي جمن شاهه درگاهه وٽ هاءِ روف مسافر وين ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ پنج مسافر زخمي ٿي پيا زخمين ۾ 3، عورت 2 مرد شامل آهن . حادثي واري هنڌ ريسڪيو ٽيم پهچي زخمين کي اسپتال پهچايو جتان فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد حيدرآباد منتقل
بقايا نمبر 57 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل شفيع پتافي جي حياتي جي تصوير

اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيڻ لڳي

راضيديرو(ن ع) اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب امن بحال نه ٿي سگهيو نامعلوم هٿياربند
بقايا نمبر 58 ڏسو صفحو 5

سکر: عمراڻي برادري جا ماڻهو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.